روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) خميس 13 اپريل 2023ع بمطابق 22 رمضان المبارڪ 1444ھ (قيمت 10 رپيا) شمارو 320

سُپريم ڪورٽ جي رولز ۾ ترميم خلاف درخواستون ٻڌڻ لاءِ مقرر: 8 رُڪني لارجر بئنچ قائم

جسٽس محمد علي مظهر، جسٽس اعجاز الاحسن، عائشه ملڪ، جسٽس شاهد وحيد، جسٽس منيب اختر، جسٽس مظاهر نقوي ۽ جسٽس اظهر رضوي بئنچ ۾ شامل

اڄ صبح 11 وڳي درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي ويندي، پارليامينٽ ۾ منظور ٿيل عدالتي سڌارن واري بِل کي سُپريم ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو ويو هو: رجسٽرار

وڪيل ۽ شهرين طرفان داخل 4 درخواستن ۾ چيو ويو آهي ته پارليامينٽ کي سُپريم ڪورٽ جي معاملن ۾ مداخلت جو اختيار ناهي

درخواستن ۾ بِل کي ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪئي وئي، صدر جي اعتراضن بعد حڪومت سُپريم ڪورٽ جي رولز بابت بِل ٻيهر پارليامينٽ مان منظور ڪرايو هو

آئين جي آرٽيڪل 184 (3) تحت ٽي درخواستون ايڊووڪيٽ محمد شفيع منير، راجا عامر خان، چوڌري غلام حسين ۽ ٻين داخل ڪيون آهن

جيڪو قانون اڃا لاڳو ئي نه ٿيو آهي ان خلاف ڪيس ٻڌڻ پارليامان جي توهين آهي. هو اڳ ۾ چوندو رهيو آهي ته چيف جسٽس هم خيال ججن جي بينچ ٺاهن بدران فل ڪورٽ ۾ معاملا طئي ڪري: عطا الله تارڙ

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) بينچ ٺاهڻ، ڪيسن جي ٻڌڻي مرضي موجب مقرري بابت سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس جا اختيار گهٽ ڪرڻ واري قانون جي منظوري خلاف داخل ٽن درخواستن جي ٻڌڻي لاءِ 8 رڪني لارجر بينچ جوڙي وئي آهي. چيف جسٽس عمر عطا بنديال جيڪو هن معاملي ۾ ڌر آهي اهو ان بينچ جي سربراهي ڪندو جيڪا سپاڻي سادي ٻارهين وڳي ٻڌڻي ڪندي. سپريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: داخل ٽن درخواستن جي ٻڌڻي لاءِ 8 رڪني لارجر بينچ جي ٻڌڻي ڪندڙ جج (فائيل فوٽو)

آزاد ڪشمير جي اڳوڻي وزيراعظم سردار تنوير الياس جي نااهلي خلاف داخل ڪيل درخواست رد

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ آزاد ڪشمير جي اڳوڻي وزيراعظم سردار تنوير الياس طرفان پنهنجي نااهلي خلاف داخل ڪيل درخواست کي رد ڪري ڇڏيو آهي. سردار تنوير الياس جي ليگل ٽيم آزاد ڪشمير هاءِ ڪورٽ طرفان وزيراعظم جي عهدي تان هٽائڻ جو فيصلو سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو هو. آزاد ڪشمير سپريم ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سنڌ ڪابينا اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي قائم ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ وزيراعليٰ هائوس ۾ ڪابينا جي اجلاس ۾ سنڌ اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (سيپرا) قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اجلاس ۾ صوبائي وزيرن، صلاحڪارن، خصوصي معاونن، چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت، چيئرمين پي اينڊ ڊي حسن نقوي، پي ايس سي ايم فياض جتوئي ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي

سنڌ کي توانائيءَ جي وسيلن سميت ڪوئلي، سولر ۽ ونڊ جي مڪمل ويليو چين سان نوازيو ويو آهي، جنهن کي فضائي، زميني ۽ سامونڊي رستن ذريعي سستي رسائي حاصل آهي: امتياز شيخ

بجلي جي پيداوار لاءِ سنڌ گرڊ ڪمپني جي ٽرانسميشن نيٽ ورڪ ذريعي صوبي جي گهريلو، ڪمرشل ۽ صنعتي صارفين جي گهرج کي مناسب اگهه تي پورو ڪيو وڃي

ضروري آهي ته پيداوار، ٽرانسميشن، ڊسٽري بيوشن ۽ ريگيوليشن لاءِ هڪ هوليسٽڪ قانوني، پاليسي ۽ ريگيوليٽري فريم ورڪ ٺاهيو وڃي ته جيئن توانائي جي مساوات کي بهتر بڻائي سگهجي: وڏو وزير

ٽرانسڪراچي ان منصوبي تي عملدرآمد ڪندڙ ادارو هو. بي آر ٽي پروجيڪٽ ڪوريڊور شهر جي شهري علائقن مان گذري ٿو جيڪو ملير هالٽ کان شروع ٿئي ٿو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ڪابينا اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي قائم ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي، صوبي ۾ توانائي جي کوٽ جي خاتمي لاءِ اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ڪراچي (12 اپريل) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ وزيراعليٰ هائوس ۾ ڪابينا جي اجلاس ۾ سنڌ اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (سيپرا) قائم ڪرڻ جو فيصلو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ٿيل اعليٰ سطحي اجلاس جو ڏيک

سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ جو سيڪشن 4 لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج

عدالت سگهوري ۾ داخل ڪيل درخواست ۾ وفاقي حڪومت ۽ صدر ڊاڪٽر عارف علوي کي بذريعه پرنسپل سيڪريٽري ڌر بڻايو ويو

ٻنهي ايوانن مان سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل منظور ٿي ايڪٽ بڻجي چڪو آهي: درخواست جو متن

سوموٽو جي فيصلي خلاف اپيل جو حق ڏيڻ آرٽيڪل 184 ۽ 185 جي ڀڃڪڙي آهي

لاهور (م د) سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ جي سيڪشن 4 کي لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو ويو آهي. عدالت سگهوري ۾ داخل ڪيل درخواست ۾ وفاقي حڪومت ۽ صدر ڊاڪٽر عارف علوي کي بذريعه پرنسپل سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

آءِ جي سنڌ شهيد پروفيسر اجمل ساوند جي وارثن وٽ پهتو

غلام نبي ميمڻ سکر پهچي شهيد پروفيسر اجمل جي وارثن سان تعزيت ڪئي

جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن، ڪين جلد گرفتار ڪيو ويندو: آءِ جي سنڌ

سکر (رپورٽر) آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ شهيد پروفيسر اجمل ساوند جي وارثن پهچي سانن تعزيت ڪئي. آءِ جي غلام نبي ميمڻ سکر پهچي شهيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر فواد چوڌري جي الزامن کي رد ڪري ڇڏيو

قرارداد تي ايوان جي اندر ئي ميمبرن کان صحيحون ڪرايون ويون: اسپيڪر آفيس

فواد چوڌري 8 ميمبرن جي صحيحن جو جعلي هجڻ جو رڪارڊ ثابت ڪري

اسلام آباد (م د) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فواد چوڌري جي الزامن کي رد ڪري ڇڏيو. اسپيڪر آفيس موجب قرارداد تي ايوان جي اندر ئي ميمبرن کان صحيحون ڪرايون ويون. قومي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪراچي: شهادت يوم علي ع جو مرڪزي جلوس شاهراهه فيصل تان گذري رهيو آهي

ملڪ جي مختلف شهرن ۾ يوم شهادت حضرت علي جي حوالي سان جلوس، مجلسون، سيڪيورٽي سخت

ڪراچي ۾ يوم علي جو مرڪزي جلوس نشتر پارڪ کان ٻنپهرن جو برآمد ٿيو، جلوس جي گذرگاهن طرف ايندڙ رستن کي بند ڪيو ويو

اسلام آباد جو مرڪزي جلوس امام بارگاهه زينبيه مان برآمد ٿي امام بارگاهه سيڪٽر جي 6 ۾ ختم ٿيو

مٽياري ۾ ماتمي جلوس ۾ تابوت مولا شير خدا علي عليه السلام برآمد ڪري وڏي تعداد ۾ ذوالجناح برآمد ڪيا ويا

ڪراچي/ حيدرآباد (رپورٽرز) يوم علي جي موقعي تي سنڌ سميت سڄي ملڪ جي مختلف شهرن ۾ جلوس ۽ مجلسون منعقد ڪيون ويون. ان دوران سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا. مٽياري ۾ يوم شهادت حضرت علي عليه السلام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

عمران خان ۽ بشريٰ بي بي سڀ ڪجهه خبر هجڻ باوجود عدت ۾ نڪاح ڪيو: مفتي سعيد

اسلام آباد جي عدالت ۾ بيان قلمبند ڪرائڻ جي لاءِ مفتي سعيد پنهنجي وڪيل راجا رضوان عباسي سان گڏ عدالت جي ڪمري ۾ پهتو

پهرين جنوري 2018 تي عمران خان مون سان فون تي رابطو ڪيو. عمران خان سان سنڌا لاڳاپا هئا: مفتي سعيد

مان سنڌس ڪور ڪميٽي جو ميمبر هئس، عمران خان مون کي چيو ته منهنجو نڪاح بشريٰ بي بي سان پڙهائي ڇڏيو

پهرين جنوري 2018 تي عورت جي يقين ڏيارڻ تي عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جو نڪاح پڙهايو

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان ۽ سنڌس گهرواري بشريٰ بي بي خلاف غير شرعي نڪاح ڪرڻ جي ڪيس ۾ نڪاح خوان مفتي سعيد پنهنجو بيان قلمبند ڪرائي ڇڏيو. اسلام آباد جي عدالت ۾ بيان قلمبند ڪرائڻ جي لاءِ مفتي سعيد پنهنجي وڪيل راجا رضوان عباسي سان گڏ عدالت جي ڪمري ۾ پهتو جتي هن پنهنجي بيان ۾ چيو ته پهرين جنوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان ۽ سنڌس گهرواري بشريٰ بي بي خلاف غير شرعي نڪاح ڪرڻ جي ڪيس ۾ نڪاح خوان مفتي سعيد (فائيل فوٽو)

نوازشريف جي ضامن شهباز شريف خلاف پي ٽي آءِ سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م د) ليگي اڳواڻ نوازشريف جي لندن وڃڻ ۽ پوءِ واپس نه اچڻ جي معاملي تي تحريڪ انصاف اڳواڻ فواد چوڌري وزيراعظم شهباز شريف خلاف سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي، پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري جي درخواست ۾ وزيراعظم شهباز شريف ۽ رياست کي ڌر بڻايو ويو آهي. جڏهن ته لاهور هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سنڌ ۾ گئس جو بحران وڌي ويو، شهري سحري ۽ افطاري دوران سخت پريشانين کي منهن ڏيڻ لڳا

قدرتي طور تي گئس ۽ تيل سان مالا مال سنڌ صوبو پاڪستان کي گڏيل طور تي گئس جي پيداوار جو 63 سيڪڙو گئس پيدا ڪري ڏيندو آهي

وڏي پيماني تي گئس جي پيداوار باوجود سنڌ جا رهواسي گذريل ڪيترن ئي مهينن کان گئس جي ڊگهي لوڊشيڊنگ سبب سخت عذابن کي منهن ڏيڻ لڳا

سنڌ حڪومت وفاق سان رابطو ڪري گئس جي فراهمي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري: شهري

ڪراچي (م د) سنڌ ۾ بجلي کان پوءِ گئس جو بحران شدت اختيار ڪري ويو آهي جنهن سبب شهرين کي رمضان جي ٻلاري مهيني ۾ سحري ۽ افطاري ۾ سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. قدرتي طور تي گئس ۽ تيل سان مالا مال سنڌ صوبو پاڪستان کي گڏيل طور تي گئس جي پيداوار جو 63 سيڪڙو گئس پيدا ڪري ڏيندو آهي پر وڏي پيماني تي گئس جي پيداوار باوجود سنڌ جا رهواسي گذريل ڪيترن ئي مهينن کان گئس جي ڊگهي لوڊشيڊنگ سبب سخت عذابن کي منهن ڏئي رهيا آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

يوم علي، ڊي جي رينجرز پاران شهر جو دورو

ميجر جنرل اظهر وقاص امام بارگاهن ۽ ماتمي جلوسن جي رستن جو دورو ڪيو

ڪنهن به قسم جي شرارت پکيڙيندڙ عنصرن تي ڪڙي نظر رکي وڃي: ڊي جي رينجرز

ڪراچي (رپورٽر) ڊي جي رينجرز سنڌ ميجر جنرل اظهر وقاص يوم علي جي مرڪزي جلوس جي سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو ۽ ضابطا اخلاق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ديرا غازي خان: وزيراعظم شهباز شريف سستي اٽي جي ورڇ واري ڪئمپ تي هڪ ٻڍڙي جو شناختي ڪارڊ چيڪ ڪندي

ترقياتي منصوبن ۾ نقصان جو الزام: پرويز الاهي ۽ ٻين خلاف نيب جاچ شروع ڪري ڇڏي

پرويز الاهي، مونس الاهي ۽ علي افضل ساهي تي قومي ناڻي کي ڪروڙين روپين جو نقصان پهچائڻ جو الزام آهي: نيب

چيف انجنيئر نارٿ گجرات جي اسڪيمن ۾ مبينه غبن ۽ معيار چيڪ ڪرڻ لاءِ نيب طرفان ٽيمون جوڙيون ويون

پرويز الاهي دور ۾ گجرات ۽ منڊي بهاءُالدين ۾ 100 ارب کان وڌيڪ جون اسڪيمون رکيون ويون هيون

لاهور (م د) نيب گجرات ۽ منڊي بهاءُالدين جي ترقياتي منصوبن ۾ حڪومت کي ڪروڙين روپين جو نقصان پهچائڻ جي الزام ۾ اڳوڻي پنجاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پنجاب جو اڳوڻو وڏو وزير پرويز الاهي (فائيل فوٽو)

نواز شريف جو سعودي عرب روانگي جو شيڊول اوچتو تبديل

مريم نواز ۽ حسين نواز سعودي عرب پهچي ويا

نواز شريف جي روانگي کان ٿورو اڳ قطر جو شهزادو لندن پهچي ويو

لاهور (م د) اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف جو سعودي عرب روانگي جو شيڊول اوچتو تبديل. مريم نواز ۽ حسين نواز سعودي عرب پهچي ويا. ان سلسلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

تنوير الياس جي نااهلي کان پوءِ خواجه فاروق آزاد ڪشمير جو وقتي وزيراعظم بڻجي ويو

آزاد ڪشمير جي صدر بيرسٽر سلطان محمود وقتي وزيراعظم جي سمري تي صحيحون ڪري ڇڏيون

نئين وزيراعظم جي چونڊ تائين سينئر وزير خواجه فاروق احمد وقتي وزيراعظم هوندو

عدالت نئين آزاد ڪشمير جي وزيراعظم جي چونڊ لاءِ چيف اليڪشن ڪمشنر کي خط لکي ڇڏيو

مظفرآباد (م د) تنوير الياس جي نااهلي کان پوءِ خواجه فاروق آزاد ڪشمير جو وقتي وزيراعظم بڻجي ويو آزاد ڪشمير جي صدر جي هدايتن تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13


آزاد ڪشمير جو وقتي وزيراعظم تنوير الياس

آزاد ڪشمير حڪومت به عمران جي هٿن مان هلي وئي

آزاد ڪشمير ۾ حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ اڳيئي پ پ سرگرم هئي

سردار تنوير الياس پنهنجو عهدو بچائڻ لاءِ سپريم ڪورٽ پهچي ويو

لاهور (م د) آزاد ڪشمير جي وزيراعظم سردار تنوير الياس کي هاءِ ڪورٽ توهين عدالت ۾ عهدي تان فارغ ٿيڻ کانپوءِ پ پ جي حڪومت قائم ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

نوابشاهه ۾ ڊمپر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر، عورت ۽ معصوم ٻارڙي فوت

گوٺ وارث علي شاهه ويندڙ موٽر سائيڪل ۽ ڊمپر ۾ ٽڪر ٿي پيو

27 سالا نوجوان ناري شهناز ورڙ ۽ 4 مهينن جي معصوم حوا موقع تي ئي فوت ٿيا

نواب شاهه (رپورٽر) نواب شاهه پرسان هوت اسٽاپ وٽ خوفناڪ حادثو جڏهن نواب شاهه شهر کان گوٺ وارث علي شاهه ويندڙ موٽر سائيڪل ۽ ڊمپر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پنجاب جي ڪچي ۾ آپريشن: 3 ڌاڙيل مارجي ويا، 6 گرفتار

ڌاڙيلن جون پناهه گاهون به راڪيٽ لانچرز سان تباهه ڪيون ويون، ڌاڙيلن جي گهرن کي باهيون ڏنيون ويون

ڌاڙيل ڪچي جي ٻيلن طرف نڪري ويا آهن جن جو پيڇو ڪيو پيو وڃي: ايڊيشنل آءِ جي سائوٿ

رحيم يارخان ضلعي جي ڪچي ۾ آءِ جي پنجاب عثمان انور جي قيادت هيٺ آپريشن ٿي رهيو آهي

لاهور (م د) پنجاب جي ڪچي واري علائقي ۾ پوليس جو آپريشن جاري آهي جنهن دوران 3 ڌاڙيل مارجي ويا آهن. ايڊيشنل آءِ جي سائوٿ مقصودالحسن موجب آپريشن دوران 6 ڌاڙيلن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ايڊيشنل آءِ جي ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سپريم ڪورٽ فيصلي تي عمل نه ڪرائي سگهي ته سندس وجود ختم ٿي ويندو: فواد چوڌري

عدالتي حڪمن تي عمل نه ڪرڻ تي وزيراعظم شهباز شريف ۽ وفاقي ڪابينه نااهل ٿيندي

زمان پارڪ آپريشن کي قانوني رخ سان چيڪ ڪرڻ جي ضرورت آهي، پي ٽي آءِ ڪارڪنن خلاف دهشتگردي جا ڪيس ٺاهيا ويا

ڪارڪنن تي اي ٽي سي جا قلم سپريم ڪورٽ جي 7 رڪني بينچ جي فيصلي جي ابتڙ آهن

لاهور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي ته عدالتي حڪمن تي عمل نه ڪرڻ تي وزيراعظم شهباز شريف ۽ وفاقي ڪابينه نااهل ٿيندي. سپريم ڪورٽ فيصلي تي عمل نه ڪرائي سگهي ته بطور هڪ اداري جي سندس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

لاهور: تحريڪ انصاف اڳواڻ فواد چوڌري صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

جيڪب آباد: عدالت غيرقانوني جرڳو ڪندڙ سرپنچ سميت 7 جوابدارن جي ضمانت رد ڪري ڇڏي

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد ۾ 10 ڏينهن اڳ غيرقانوني جرڳو ڪندڙ سرپنچ سميت 7 جوابدارن جي ضمانت رد ڪري ڇڏي. فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج خادم حسين چنڊ جي عدالت جرڳي جي سرپنچ مير منظور پنهور جي پٽ چنگيز پنهور، فهد پنهور، غازي جڪراڻي، رهزن جڪراڻي، عظيم سپايو، پرويز ٽالاڻي ۽ هشمت جي ضمانت رد ڪري ڇڏي سپرير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

گل غداري ڪيس، پراسيڪيوٽر جي مقرري خلاف درخواست رد

چيف ڪمشنر جي درخواست راجا رضوان عباسي کي اسپيشل پراسيڪيوٽر مقرر ڪيو: عدالت

فوجداري ضابطا جي سيڪشن 492 تحت اسپيشل پراسيڪيوٽر مقرر ڪري سگهجي ٿو

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ادارن ۾ بغاوت ڪيس ۾ اسپيشل پراسيڪيوٽر جي مقرري خلاف شهباز گل جي درخواست رد ڪري ڇڏي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اسپيشل پراسيڪيوٽر راجا رضوان عباسي جي مقرري کي قانون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

مانجهند: مبينا غلط آپريشن سبب فوت ٿيل سماجي اڳواڻ واري واقعي خلاف هڙتال ۽ ڌرڻو

مانجهند (رپورٽر) مانجهند ۾ مبينا غلط آپريشن سبب فوت ٿيل سماجي اڳواڻ واري واقعي خلاف ڌرڻو جاري آهي. مبينا غلط آپريشن سبب فوت ٿيل سماجي اڳواڻ ديدار ميمڻ واري واقعي خلاف لاڪا شهر ۾ ڌرڻو هنيو ويو ايس يو پي ڪارڪنن پاران مين چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو. حيدرآباد جي ڊاڪٽر جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو ويو آهي مظاهرين الزام هنيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

لاهور: پنجاب جي ڪچي ۾ هلندڙ آپريشن دوران اهلڪار ڌاڙيلن جي ٺڪاڻن تي فائر ڪري رهيا آهن

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي سان چائنيز پرڏيهي سفير ملاقات ڪري رهي آهي

پاڪستان ۾ ڪورونا جا وڌيڪ 40 ڪيس رپورٽ، ڪراچي ۾ 2 مريض فوت

24 ڪلاڪن دوران سڄي ملڪ ۾ ڪورونا جي رپورٽ ٿيندڙ مثبت ڪيسز جي شرح 1.03 سيڪڙو رڪارڊ ٿي

24 ڪلاڪن دوران لاهور ۾ ڪورونا جا 376 ٽيسٽ ڪيا ويا جن مان 14 مريضن جا نتيجا مثبت آيا

اسلام آباد (م د) سڄي ملڪ ۾ گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڪورونا وائرس جا وڌيڪ 40 نوان ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. صحت بابت قومي اداري (اين آءِ ايڇ) موجب گذريل 24 ڪلاڪن دوران سڄي ملڪ ۾ ڪورونا جي رپورٽ ٿيندڙ مثبت ڪيسز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

وفاق پاران سرڪاري ملازمن کي عيد کان اڳ پگهارون ڏيڻ جو فيصلو

وزيراعظم شهباز شريف ۽ ناڻي واري وزير اسحاق ڊار وچ ۾ ان حوالي سان مشاورت ڪئي وئي

سرڪاري ملازمن کي هن مهيني جي پگهار عيدالفطر کان اڳ ادا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اسلام آباد (م د) وفاقي حڪومت سرڪاري ملازمن کي هلندڙ مهيني جي پگهار عيدالفطر کان اڳ ادا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ناڻي واري وزارت طرفان جاري ڪيل پڌرائي موجب وزيراعظم شهباز شريف ۽ ناڻي واري وزير اسحاق ڊار وچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ترڪول بلاڪ ون انتظاميا خلاف شٽربند هڙتال ۽ ڌرڻو: 39 مظاهرين ضمانت تي آزاد

ڌرڻو هٽائڻ تان گرفتار ڪيل 39 مظاهرين کي مٺي جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو، عدالت 10_10 هزار روپين جي ضمانت عيوض آزاد ڪري ڇڏيو

ترڪول انتظاميا مقامي ماڻهن کي نوڪرين مان برطرف ڪري ڌارين کي ڀرتي ڪري رهي آهي، علائقي ۾ ڪو به ترقياتي ڪم نه پيو ٿئي: مظاهرين

اسلام ڪوٽ (رپورٽر) اسلام ڪوٽ ۾ علائقي واسين ترڪول بلاڪ ون جي انتظاميا خلاف شٽربند هڙتال هڙتال ڪري ٻئي ڏينهن به ڌرڻو هنيو آهي گذريل ڏينهن ڌرڻو هٽائڻ تان گرفتار ڪيل 39 مظاهرين کي مٺي جي عدالت ۾ پيش ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سنڌ صوبو گئس جي بدترين بحران مان گذري رهيو آهي: وقار مهدي

گئس بند ٿيڻ سبب ڪراچي کان ڪشمور تائين خاص ڪري گهريلو صارفين سخت پريشاني جو شڪار آهن

پيٽروليم ۽ قدرتي وسيلن واري مملڪتي وزير ۽ ايم ڊي سوئي سدرن گيس پنهنجي واعدن ۽ اعلانيل قدمن تي عمل نه ڪيو آهي

ملڪ کي 70 سيڪڙو گئس فراهم ڪرڻ وارو صوبو سنڌ پنهنجي ئي قدرتي وسيلن کان محروم ڪيو ويو آهي

ڪراچي/اسلام آباد (م د) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سينيٽر وقار مهدي چيو آهي ته سنڌ صوبو گئس جي بدترين بحران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

آءِ ايم ايف سان اسٽاف ليول جي معاهدي لاءِ اهم اڳڀرائي

گڏيل عرب امارتن پاران هڪ ارب ڊالرز جي فنانسنگ لاءِ لکت ۾ گارنٽي هلندڙ هفتي ئي ملڻ جو امڪان

آمريڪا جي دوري تي پهتل ناڻي وارو سيڪريٽري حامد شيخ آءِ ايم ايف کي گڏجاڻي دوران آگاهه ڪندو

اسلام آباد (م د) آءِ ايم ايف سان اسٽاف ليول جي معاهدي لاءِ اهم اڳڀرائي، گڏيل عرب امارتن پاران هڪ ارب ڊالرز جي فنانسنگ لاءِ لکت ۾ گارنٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

20 اپريل تي مڪمل سج گرهڻ ٿيندو، هي سج گرهڻ دنيا جي ڪجهه حصن ۾ ڏٺو ويندو: موسميات کاتو

ڪراچي (م د) موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته 20 اپريل تي مڪمل سج گرهڻ ٿيندو هي سج گرهڻ دنيا جي ڪجهه حصن ۾ ڏٺو ويندو، پر پاڪستان ۾ اهو نه ڏٺو ويندو 20 اپريل تي سج گرهڻ پاڪستاني وقت موجب صبح 6 لڳي 34 منٽن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اسلام آباد: ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار سان برطانوي هاءِ ڪمشنر ملاقات ڪري رهيو آهي

اجمل ساوند جي شهادت سنڌ ۾ سرداري نظام خلاف هلچل پيدا ڪري ڇڏي

ڪنڌڪوٽ ۾ مختلف قوم پرست تنظيمن ۽ سول سوسائٽي پاران گهنٽا گهر چوڪ کان مختلف چوڪ چوراهن کان ريلي ڪڍي وئي

اڳواڻن اجمل ساوند جي قاتلن جي گرفتاري نه ٿيڻ، ڀوتارڪي سرداري نظام خلاف ڇتي نعري بازي ڪئي

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ ڊاڪٽر اجمل ساوند جي قتل خلاف استادن پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ڪراچي/حيدرآباد/سکر (نمائندا) ڪنڌڪوٽ ۾ اجمل ساوند جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سنڌ يونٽ ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي مختلف قوم پرست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سپريم ڪورٽ گلگت بلتستان هاءِ ڪورٽ ۾ مقررين بابت ڪيس ۾ حڪومت جي مهلت جي درخواست منظور ڪري ورتي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ گلگت بلتستان هاءِ ڪورٽ ۾ مقررين بابت ڪيس ۾ حڪومت جي مهلت جي درخواست منظور ڪري ورتي. جسٽس اعجاز الاحسن جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. ايڊيشنل اٽارني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

شهزاد اڪبر ۽ خسرو بختيار اسان جي پارٽي تي داغ آهن: اعظم سواتي

الله جي فضل سان اهي اسان کي ڇڏي ويا آهن، اهڙن ماڻهن کي ٽڪيٽون نه ڏينداسين

اهڙن ماڻهن کي پنهنجي صفن ۾ شامل نه ڪندا سين

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ اعظم سواتي پنهنجي ئي پارٽي جي ٻن اڳواڻن تي سخت تنقيد ڪئي آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

محرابپور سچل ڪميٽي پاران پروفيسر ڊاڪٽر اجمل ساوند جي قتل خلاف احتجاج

ريلي ۾ شهيد اجمل جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۽ پوتارڪي نظام خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي

پروفيسر ڊاڪٽر ذوالفقار علي جلباڻي، پروفيسر عبدالسميع پنهور، محمد نواز پيٽي ۽ ٻين پاران شرڪت

اجمل ساوند جي خون سان انصاف ڪيو وڃي، قاتلن کي گرفتار ڪري قانوني ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي: اڳواڻ

محرابپور (رپورٽ: مجاهد علي سامٽيو) محرابپور سچل ڪميٽي پاران شهيد پروفيسر ڊاڪٽر اجمل ساوند جي قتل خلاف پبلڪ لائبريري کان مين گيٽن تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ شهيد اجمل جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

محرابپور: سچل ڪاميٽي پاران اجمل ساوند جي قاتلن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر ۽ پرياسي ۾ سئي گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو سلسلو جاري

سکر (رپورٽر) سکر ۽ پرياسي ۾ سئي گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو سلسلو جاري، روزيدار پريشان. خبرموجب سئي سدرن گئس ڪمپني پاران رمضان شريف جي پهرين مهيني دوران سحري ۽ افطاري وقت سئي گئس جي فراهمي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ سبب بند ڪئي پئي وڃي. سکر شهر جي مختلف علائقن ۾ گئس جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪراچي ايجوڪيشن ورڪس ڪاتي مليرجي ايڪسين پاران ٺيڪا من پسند ٺيڪيدارن حوالي

ڪمن جا ٺيڪا من پسند ٺيڪيدارن کي ڏئي سندن ناقص ڪمن بہ ڪين جي کلي ڇوٽ ڏني وئي

سيلم الله شيخ کي ورڪس اينڊ سروسز کاتي جو آشيرواد هئڻ سبب ٻن ضلعن جي چارج ڏني وئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ايجوڪيشن ورڪس کاتي مليرجي ايڪسين سليم الله شيخ طرفان ٽينڊر ڪلاڪ خالد جي ملي ڀڳت سان اسڪولن جي ڪمن جا ٺيڪا من پسند ٺيڪيدارن کي ڏئي سندن ناقص ڪمن بہ ڪين جي کلي ڇوٽ ڏني وئي آهي ان ڏس ذريعن موجب ايڪسين سيلم الله شيخ کي ورڪس اينڊ سروسز کاتي جو آشيرواد هئڻ ڪري هڪ ئي وقت ٻن ضلعن جي چارج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

مانجهند جي سماج سڌارڪ جي خون سان انصاف نہ ٿي سگهيو ايس يو پي ڪارڪن سراپا احتجاج

نوجوان سماج سڌارڪ ديدار حسين ميمڻ جي خون جو انصاف نہ ٿيڻ خلاف احتجاج جو سلسلو جاري

عمرابڙو علي اصغر ميمڻ حاجي سليم ميمڻ جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

هاشمي ميڊيڪل سينٽر حيدرآباد جي ڊاڪٽر عزيز لغاري ۽ عملي جو رويو غير مناسب هو: مظاهرين

مانجهند (رپورٽ: مهراڻ عمراڻي) مانجهند جي سماج سڌارڪ جي خون سان انصاف نہ ٿي سگهيو وارث ۽ ايس يو پي ڪارڪن سراپا احتجاج لاڪا ۾ مين چوڪ تي نٿهن اس ۾ ڌرڻو نعريبازي ايس ٽي پي سربراه جي تعزيت تفصيل موجب مانجهند واسي نوجوان سماج سڌارڪ ديدار حسين ميمڻ جي خون جو انصاف نہ ٿيڻ خلاف احتجاج جو سلسلو جاري آهي لاڪا شهر ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

مانجهند ايس ٽي پي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪوٽ غلام محمد ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ ۽ سڄاڳ ٻار تحريڪ پاران احتجاجي مظاهرو

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد ۾ پريس ڪلب اڳيان سنڌي شاگرد تحريڪ ۽ سڄاڳ ٻار تحريڪ طرفان ميرپورخاص تعليمي بورڊ پاران هٽرادو وڌايل فيس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو سنڌي شاگرد تحريڪ تعلقہ آرگنائيزر هريش ڪمار جنرل سيڪريٽري عبدالحسيب نونداڻي ۽ ايس ايس ٽي ضلعي اڳواڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٺٽي پرسان گنڊرنڊ گهارمساڻ واهه پڪي ٿيڻ بعد واهه ۾ پاڻي گهٽ اچڻ سبب پاڻي جو بحران

پاڻي جو بحران پيدا ٿي ويو آهي. ٻئي طرف بيٺل فصل بہ سوڪهڙي جو شڪار ٿيڻ لڳا آهن

محمد حسن صابرو، قربان بروهي، محمد حسن سولنگي، وڏيرو محمد عرس گندرو احتجاج ڪيو

واهہ جي آسپاس زرخيز زمينون پاڻي جي کوٽ ڪري سوڪهڙي جو شڪار بڻجي رهيون آهن: مظاهرين

ٺٽو(ب) ٺٽي شهر پرسان گنڊرنڊ گهار مساڻ واهہ پڪي ٿيڻ بعد واهہ ۾ پاڻي گهٽ اچڻ ڪري هڪ طرف ٺٽو ۽ مڪلي شهر ۾ پيئڻ جي پاڻي جو بحران پيدا ٿي ويو آهي ٻئي طرف بيٺل فصل بہ سوڪهڙي جو شڪار ٿيڻ لڳا آهن. جنهن ڪري آبادگارن سخت پريشان آهن. ان سلسلي ۾ مقامي آبادگارن محمد حسن صابرو، محمد حسن سولنگي، ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ جڏهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

وارهہ ۾ بجلي جي هٽرادو لوڊشيڊنگ خلاف سماجي ورڪرز پاران احتجاجي مظاهرو

ايس يو پي تعلقہ صدر نثار احمد اميراڻي سٽي صدر ايس يو پي اويس احمد چنوجي اڳواڻي ۾ ريلي

انتظاميا رمضان ۾ بجلي جو هٽرادو بحران پيدا ڪري عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

نوٽيس وٺي نااهل ايس ڊي او وارهہ کي هٽائي بجلي جي هٽرادو لوڊشيڊنگ ختم ڪئي وڃي: ميڊيا سان ڳالهيون

وارهہ (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) وارهہ ۾ بجلي جي هٽرادو لوڊشيڊنگ خلاف سماجي ورڪر جيڪال ڪلهوڙو ايس يو پي تعلقہ صدر نثار احمد اميراڻي سٽي صدر ايس يو پي اويس احمد چنو، ميمبر ذوالفقار لوهر، شهيد پنو ڪارڪن جاويد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

چيلهار ۾ هڪ هفتي کان ڏينهن جو 12 ڪلاڪ لائيٽ نہ هجڻ ڪري پاڻي جو بحران

ملي (رپورٽر) چيلهار ۾ هڪ هفتي کان ڏينهن جو ٻارهن ڪلاڪ لائيٽ نہ هجڻ ڪري هن سخت ترين گرمي جي موسم هجڻ ڪري پاڻي جو بحران پيدا ٿي ويو آهي چيلهار جي ڏهہ هزار کان مٿي آبادي لاءِ فقط ٽي بورنگ هلندڙ آهن جيڪي بہ لائيٽ نہ هجڻ ڪري فقط رات جي وقت هلندا آهن تن مان استور ٽينڪن پاڻي شهر واسين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

وارهہ: سماجي اڳواڻ گئس جي هٽرادو لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

پاڪستان ورڪرز فيڊريشن جو مرڪزي اجلاس، چوڌري عبدالرحمان مرڪزي چيئرمين چونڊجي ويو

مرڪزي سيڪريٽري جنرل چوڌري محمد ياسين، خادم حسين ڪوسو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري مقرر ٿي ويا

سنڌ ريجن ۾ طارق حسين سولنگي چيئرمين، خادم حسين ڪوسو سيڪريٽري جنرل مقرر ڪيا ويا آهن: اڳواڻ

مزدورن جي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪري پئي ڪنهن بہ ورڪر سان ناانصافي ٿيڻ نہ ڏينداسين: ڳالهيون

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان ورڪرز فيڊريشن جو مرڪزي اجلاس عهديدارن جي چونڊ مرڪزي چيئرمين چوڌري عبدالرحمان عاصي مرڪزي سيڪريٽري جنرل چوڌري محمد ياسين مرڪزي فيڊريشن جو اجلاس چوڌري عبدالرحمان عاصي چيئرمين چوڌري خادم حسين ڪوسو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري مقرر ٿي ويا سنڌ لاءِ بہ عهديدار چونڊيا ويا ان سلسلي ۾ پاڪستان ورڪرز جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

وارهہ ۾ سماجي تنظيم طرفان بي پهچ غريبن مسڪينن ٻارڙن ۾ ڪپڙا تقسيم ڪيا

سماجي تنظيم انسانيت سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن وارهہ طرفان مسڪينن کي سامان فراهم

ٻارڙن ۽ بيواهہ عورتن ۾ عيد جا نوان اٽسيبل ڪپڙا انسانيت سوشل جي آفيس تي تقسيم ڪيا ويا

مستحق ماڻهن جو تعداد تمام وڏيڪ آهي جن جي سهائتا ڪرڻ اسان جي وس کان وڌيڪ آهي: اڳواڻ

وارهہ (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) وارهہ سماجي تنظيم طرفان بي پهچ غريبن مسڪينن مزدورن بيواهہ عورتن ۽ يتيم ٻارڙن ۾ عيد جا نوان ڪپڙا تقسيم ڪيا ويا، وارهہ جي متحرڪ سماجي تنظيم انسانيت سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن وارهہ طرفان 60 کان وڌيڪ ضرورتمند ماڻهن ۾ عيد جون ڊريسيون ورهايون ويون خبر موجب: وارهہ جي متحرڪ سماجي تنظيم انسانيت سوشل ويلفيئ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

هالا ۾ رنگ برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين ۽ ملڪيت جي تڪرار تان جهيڙو، هڪ زخمي

مٽياري (رپورٽر) هالا ۾ رنگ برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين ۽ ملڪيت جي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو ڪورٽ تان پيشي ڏئي واپس وينڊ زميندار امام الدين رنگ ۽ سنڌس ڏهن سالن جي پٽ حذيفہ رنگ تي باب النوح ويجهو سندس ئي برادري جي ماڻهن لينن ۽ چاقن سان حملو ڪري ڪين مرٽنگ ڪري ڇڏيو. زخمين کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

وارهہ: سماجي تنظيم پاران مستحقن ۾ ڪپڙا ورهايا پيا وڃن

جامع مسجد فيضان عثمان غني ۾ صوفي عبدالقيوم جي ايصال ثواب لاءِ تقريب منعقد

علامہ نثار احمد اعواڻ، علامہ ذوالفقار علي، علامہ حافظ قائم علي ٿهيم ۽ ٻين پاران شرڪت

علامہ محمد عالم نعيمي، پروفيسر ڊاڪٽر غلام عباس قادري ۽ ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

پاڪ ٿي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي جو واحد ذريعو آهي جنهن سان عروج حاصل ڪري سگهون ٿا: علماءِ

ڪراچي (رپورٽر) جامع مسجد فيضان عثمان غني ۾ ختم قرآن براءِ ايصال ثواب شهيد اهلسنت صوفي عبدالقيوم تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ پاڪستان علماءِ ايسوسيئيشن جي مرڪزي اڳواڻن علامہ نثار احمد اعواڻ، علامہ ذوالفقار علي، علامہ حافظ قائم علي ٿهيم سميت مهمان خاص علامہ محمد عالم نعيمي، پروفيسر ڊاڪٽر غلام عباس قادري ۽ ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺٽي ۽ پرياسي جي علائقن ۾ چوريون معمول بڻجي ويون، اختياريون خاموش

ڳوٺ حاجي علي محمد پرسان آمين عرف اسماعيل جرڪيو جي گهران چوري ٿي وئي

سدابهار ڳوٺ مان عباس علي بروهي جون 2 ٻڪريون نامعلوم چور رات جي وقت چوري

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) عيد ويجهو ايندي ٿي چور ٻرن کان ٻاهر نڪري چورين ۾ اضافو ڪري عوام کي ڪنگال ڪرڻ لڳا. انتظاميہ خاموش تماشائي بڻيل. ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب نامعلوم چورن جنگشاهي لڳ ڳوٺ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

پروفيسر اجمل ساوند جي بي رحمانہ قتل خلاف گلاب لغاري ۾ احتجاجي مظاهرو

ڪامريڊ اشرف لغاري ڪريم لغاري مشعود لغاري ايچ بي بلوچ پاران ريلي ڪڍي وئي

نوٽيس وٺي فوري طور تي قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي: مظاهرين

گلاب لغاري (رپورٽ: گلزار لغاري) شهيد پروفيسر اجمل ساوند جي بي رحمانہ قتل خلاف گلاب لغاري جي سماجي ادبي ۽ سياسي شخصيتن ڪامريڊ اشرف لغاري ڪريم لغاري مشعود لغاري ايچ بي بلوچ پاران احتجاجي مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

گلاب لغاري: اجمل ساوند جي قتل واقعي خلاف سياسي سماجي اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺٽون ڪوٽ پرسان ڳوٺ سانگهار ساهڙ جي رهواسي رٽائرڊ پوليس اهلڪار پاران احتجاج

منهنجا پٽ ڳوٺائن سان ملي منهنجي گهر مان سڀ ڪجهہ ٻهاري ويا آهن: هارون ساهڙ

محمد، ساجد، حاجي مونڪي مارڻ چاهين ٿا جيڪي مونکي فون ڪالن تي ڌمڪائي رهيا آهن

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) ٺٽون ڪوٽ پرسان ڳوٺ سانگهار ساهڙ جي رهواسي رٽائرڊ پوليس اي ايس آئي هارون ساهڙ پٽن سميت ڳوٺائن جي ميبنا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪنڌڪوٽ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد جي گوليمار واري علائقي مان شاگرد گم

ٻهرين ڪلاس جو شاگرد احد علي ملڪ جيڪو گذريل ڏينهن کان وني لاپتا ٿي ويو

ڪٿي بہ ڪوڏس پتو ناهي پئجي سگهيو شڪ آهي تہ ننڍڙي کي اغوا ڪيو ويو آهي: وارث

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور، ڪنڌڪوٽ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد جي گوليمار واري علائقي مان ٻهرين ڪلاس جو شاگرد احد علي ملڪ جيڪو گذريل ڏينهن کان وني لاپتا ٿي ويو آهي جنهن سبب وارث سخت پريشان آهن وارثن پاراڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

گورنر سنڌ پاران سنڌ ويلفيئر فائونڊيشن کي افطار پارٽي جي دعوت جو اهتمام

چيئرمين خالد حسين ٻگهيو سميت وڏي تعداد ۾ مردن ۽ عورتن شرڪت ڪئي

گورنر شهر واسين کي گهرائي افطار ڊنر ڏئي هڪ تاريخي مثال قائم ڪيو آهي: ڳالهيون

ڪراچي (ٻاغي ساگر پنهوار) گورنر سنڌ پاران گورنر هائوس ۾ سنڌ ويلفيئر فائونڊيشن کي افطار پارٽي ۾ دعوت ڏني وئي جنهن سنڌ ويلفيئر فائونڊيشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪراچي: گورنرهائوس ۾ افطار ڊنر ۾ شرڪت ڪندڙ سماجي اڳواڻن جو گروپ فوٽو

ورشهر لڳ ڳوٺ سومار بجلي ملاح ۾ ملاح برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو

ٻارڙن جي راند تان جهيڙو ٿيڻ جي نتيجي ۾ هڪ ڌر ٻئي ڌر جي گهرن کي باهہ ڏئي ڇڏي

عرس پکيڙو، سليمر ملاح ۽ عرس ملاح جا گهر سڙي رک ٿي ويا، سامان ۽ روڪ رقم سڙي وئي

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) معاشري ۾ سهپ ۽ برداشت جو مادو ختم غلام الله شهر جي ويجهو غلام الله پوليس جي حد ۾ ڳوٺ سومار بجلي ۾ گهرجي گهٽي تان ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران گهرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٽنڊوباگو ۾ ڪامران ٽيسوري واري ڪيس جي فريادي تي منشيات جو ڪيس داخل

مشهور پان جي واپاري نثار احمد ميمڻ کي ٽنڊو ٿاڻي جي پوليس گرفتار ڪري ورتو

مجاهد علي خواجہ ۽ نثار احمد ميمڻ وٽان 20/20 سفينا جا پئڪيٽ نڪتا آهن: ٽنڊو پوليس

ٽنڊوباگو (رپورٽ: سهيل سمون) 2008ع ۾ ٽنڊوباگو ٿاڻي تي موٽر سائيڪل جي ڦر جي ڪيس ۾ ٽنڊوباگو پوليس پاران گرفتار ڪيل سنڌ جي موجوده گورنر ڪامران ٽيسوري واري ڪيس جي فريادي ٽنڊوباگو شهر مان پنهنجي ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽنڊوباگو: وڪيل مجاهد خواجہ ۽ واپاري نثار احمد ميمڻ (فائيل فوٽو)

راڌڻپور ۾ چپس ڪيبائينڊر نينگر سان جوابدار پاران مبينا زيادتي، ڪيس داخل نہ ٿيو

جوابدار خليل وسان نينگر کي گمبٽ ٿاڻي جي حد ۾ هوٽل تي فتو ڪري فرار ٿي ويو

نينگر جي ميڊيڪل رپورٽ اچڻ بعد ڪيس ۾ وڌيڪ اڳڀرائي ڪئي ويندي: راڌڻپور پوليس

راڌڻپور (رپورٽر) راڌڻپور ۾ گهر جي پاتين جي پيٽ گذر لاءِ چپس ڪيائي گهرجي چلايندڙ ٻارهن ورهن جي معصوم سان نوجوان طرفان مبينہ جنسي زيادتي ڪري نينگر کي بي هوشي واري حالت ۾ گمبٽ ٿاڻي جي حد ۾ هڪ هوٽل تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪراچي سچل ٿاڻي جي حد ۾ منشيات جي سرعام وڪري خلاف احتجاجي مظاهرو

رمضان گبول ڳوٺ ۾ گهر تي چاپو گٽڪو ماڻو سميت منشيات جي وڪري خلاف احتجاج

پوليس گٽڪو ماڻو ٺاهڻ واري ڪيميڪل جا 50 ڪنا هٿ ڪري ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سچل ٿاڻي جي حد ۾ منشيات جي سرعام وڪري خلاف سياسي سماجي ماڻهن جي احتجاج بعد آءِ جي سنڌ جي جوڙيل ٽاسڪ فورس جو رمضان گبول ڳوٺ ۾ گهر تي چاپو گٽڪو ماڻو سميت منشيات واري ڪيميڪل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

پوليس کاتي ٺٽي طرفان ڊپارٽمينٽل پروموشن جي تقريب، ايس ايس پي ۽ ٻين جي شرڪت

ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو ۽ ڊي ايس پي جمع خان پنهور پاران شرڪت ڪئي وئي

شرڪت علي درس ۽ راجا حامد راجپوت کي سب انسپيڪٽرز رينڪ ۾ ترقيون ڏيئي بيج لڳايا ويا

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) پوليس کاتي ٺٽي طرفان ڊپارٽمينٽل پروموشن جي تقريب ايس ايس پي آفيس مڪلي ۾ منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو ۽ DSP جمع خان پنهور پاران DSP افتخار علي شاهہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٺٽو: ايس ايس پي عديل حسين چانڊيو ترقيون ماڻيندڙ اهلڪارن کي بيج لڳائي رهيو آهي

ايف ايف سي جو عملدار بيروزگاريءَ سبب خودڪشي ڪندڙ نوجوان جي گهر پهچي ويو

محمد سليم چيما بيروزگاريءَ سبب خودڪشي ڪندڙ نياڻين جي والد جي وارثن وٽ پهچي ويو

پورهيت جي گهرواري کي نقد رقم نوڪري ڏيڻ سان گڏ گهر تعمير ڪرائي ڏيڻ جو اعلان ڪيو

گهرن جي بحالي وارو سلسلو ۽ نياڻين جي شادين ۾ ڏاج ڏيڻ وارو سلسلو بدستور جاري آهي: محمد سليم چيما

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موتواڻي) ايف ايف سي انتظاميا جي برگيڊيئر محمد سليم چيما جو ساراهہ جوڳو قدم بيروزگاريءَ سبب خودڪشي ڪندڙ پنج معصوم نياڻين جي والد جي وارثن وٽ پهچي ويو خودڪشي ڪندڙ مزدور نوجوان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

گهوٽڪي: ايف ايف سي عملدار آپگهات ڪندڙ نوجوان جي وارثن سان ملاقات ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز ۾ رهواسين پاران ٻاٿرن خلاف ٻئين ڏينهن ۾ احتجاجي مظاهرو نيڪ محمد چانڊيو عطر ڪلهوڙو اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: مشتاق احمد خاصخيلي

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) نوشهرو فيروز پوليس جي ظلمن کان تنگ ٿي سنڌ ڪالوني جو رهواسي مشتاق احمد خاصخيلي نيشنل پريس ڪلب تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ مان ٻہ ڏينهن پهريائين نيشنل پريس تي پريس ڪانفرنس ڪئي تہ ايس ايڇ او حنيف مهر نيڪ محمد چانڊيو عطر ڪلهوڙو اسان جو جيئڻ جنجال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهروفيروز ۾ ابڙان شاخ مان پاچڪي ۾ هٿ لاش جي سڃاڻپ ڪنديارو واسي طور ٿي

سڃاڻپ سياڳ خان ڏيپر ٿي وئي، سندس زال گلستان ۽ پٽ بادل پهچي سندس تصديق ڪئي

پنهنجا ئي مائٽ آهن اسان جي انهن خلاف ڪنديارو ٿاڻي تي اين سي پڻ داخل آهي: زال گلستان

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) 2 ڏينهن پهريان ابڙان شاخ مان پاچڪي ۾ منڊي ڪيبل هٿ آيل لاش جي سڃاڻپ ڪنديارو واسي سياڳ خان ڏيپر ٿي وئي اچ سندس زال گلستان ۽ پٽ بادل ڪراچي کان سول اسپتال نوشهرو فيروز پهچي سڃاڻپ ڪئي هدايت اسان ڪنديار جي ڳوٺ حاجي علي نواز ڏيپر جا رهواسي آهيون اسان ڪراچي رهندا آهيون اسان جو والد ڪنديارو ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

پوليس وارا اڌ صحافي آهن ۽ صحافي اڌ پوليس وارا آهن: آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ

اجمل ساوند جي وارثن سان تعزيت ڪئي آهي جلد شهيد جي قاتلن کي گرفتار ڪيو ويندو

سسپينڊ ٿيل 55 پوليس آفيسر ۽ اهلڪار مونکان غلطي سبب بحال ٿيا آهن. جاچ ڪرائي ويندي

اسٽريٽ ڪرائيم ڪراچي سٽي ۾ ٻين ملڪن کان وڌيڪ پاپوليشن تي آهي: ميٽ دي پريس کي خطاب

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) پوليس وارا اڌ صحافي آهن صحافي اڌ پوليس وارا آهن ماضي ۾ سنڌ سميت پاڪستان اندر ڏاڍا ڪرپشن ٿي هلندا هئا هاڻي ايئن ناهين هاڻي سنڌ حڪومت ڪراچي جي ٿاڻن کي بجيٽ ڏني آهي ايندڙ وقت ۾ بہ اندروني سنڌ جي ٿاڻن کي بہ بجيٽ واري رقم ني هلايو ويندو پروفيسر اجمل ساوند جي وارثن سان تعزيت ڪئي آهي جلدان شهيد جي قاتلن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سکر: آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ميٽ دي پريس کي خطاب ڪري رهيو آهي

”يونين ڪائونسل چيلهار جو سيڪريٽري ڳولي ڏيو“: مٺي ۾ احتجاجي مظاهرو

مٺي (رپورٽر) چيلهار يونين ڪائونسل چيلهار جو سيڪريٽري ڳولي ڏيو يو سي چيلهار جي عوام جو ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر ۽ سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ کان مطالبو. خبر يو سي چيلهار جي مختلف ڳوٺن جنجهيڙ سوراهہ آسار ڦلجي جونڙ قليو ۽ ٻين ڪيترن ئي ڳوٺن جي ڳوٺائن چيو آهي تہ اسين مختلف ڳوٺن مان هن مهانگائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

غوثپور پوليس پاران اڍائي مهينا اڳ جُڙتو مقابلي ۾ ٻن ڄڻن کي مارڻ وارو معاملو

ڪيس جي ٻڌڻي تي گذري ٻنهي ڌرين جا وڪيل ۽ پٽيشنر ۽ جاچ آفيسر عبدالقدوس ڪلوڙ پيش

رپورٽ جمع ڪرائڻ بعد عدالت ڪيس جو فيصلو محفوظ ڪندي 2 مئي جي تاريخ مقرر ڪري ڇڏي

پوليس اهلڪار فياض جکراڻي سميت 6 جوابدارن خلاف غوثپور ٿاڻي تي پڻ ڪيس داخل ڪيا ويا هئا

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور پوليس پاران اڍائي مهينا اڳ جُڙتو مقابلي ۾ ٻن ڄڻن کي مارڻ وارو معاملو غوثپور پوليس جي اڳواڻي ايس ايڇ او ميرخان شيخ کي گرفتار ڪرڻ بعد جڙتو مقابلي احمد نواز جکراڻي پنهنجي ذاتي گارڊن سان اڍائي مهينا اڳ شهر واسي ٻن نوجوانن اسد ۽ شيخ ۾ ماري ڇڏيو هو مقتول جي وارثن پاران هاءِ ڪورٽ لاڙڪاڻو ۾ پوليس خلاف درخواست داخل ڪرائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٽرڪول بلاڪ ون جي متاثرن سان دوکو، ٿاڻي تي گهرائي مظاهرين کي لاڪ اپ ڪرائي ڇڏيو

متاثرن ۽ اڳواڻن جي گرفتاري خلاف ٽرڪول متاثر سراپا احتجاج بڻجي روڊن تي نڪري آيا

پوليس جي گاڏي تي پٿراءُ. مختلف هنڌن تي ڌرڻا اينڊ ويندڙ سمورا روڊ بند. شهر بہ بند رهيو

ٽرڪول تي ڪم ڪندڙ ڪمپنيون ڌرتي ڌڻين سان زيادتيون ڪري رهيون آهن: اڳواڻن جون ڳالهيون

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) ٽرڪول بلاڪ ون جي متاثرن سان انتظاميہ جو دوکو مطالبن جي مڃتا لاءِ بلاڪ ون جي گيٽ آڏو ڌرڻو هڻي ويٺل اڳواڻن کي انتظاميہ عملدار جي گرفتاري جو لولي پاپ ڏيئي ٿاڻي تي گهرائي سمورن کي گرفتار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٺٽو: ڳوٺ سومار بجلي ملاح ۾ جهيڙي بعد گهرن کي ڏنل باهہ جو ڏيک

مٽياري لڳ آبادگارن جو شاخ تي ناجائز وارا بندي خلاف احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

مٽياري (رپورٽر) مٽياري لڳ آبادگارن جو شاخ تي ناجائز وارا بندي خلاف احتجاجي مظاهرو صوبائي وزير آبپاشي کان نوٽس وٺڻ جو مطالبو. تفصيل موجب مٽياري جي ڀرپاسي ۾ چوڙ ڪندڙ جام شاخ تي خريف جي پوکائي مهل ناجائز وارا بندي ڪرڻ خلاف پورهيت مذاهمت تحريڪ ۽ آبادگارن پاران احتجاجي مظاهرو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٽنڊو محمد خان سٽي ٿاڻي جي ايس ايڇ او پاران 2 عورتن کان منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

ايس ايڇ او عمران اختر چانڊيو سائمہ پنجابي ۽ نائلا خاصخيلي کي گرفتار ڪري منشيات هٿ ڪئي

1015 گرام چرس برآمد ڪري نارڪوٽيڪس ڪنٽرول ايڪٽ تحت سٽي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو

ابراهيم خاصخيلي کي گرفتار ڪندي سندس قبضي مان 2960 گرام چرس برآمد ڪري ورتو آهي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان سٽي ٿاڻي جي ايس ايڇ او عمران اختر چانڊيو پوليس جي وڏي نفري سان گڏ شهر جي مصروف ترين علائقي ٻلورو روڊ تي ڪاروائي ڪندي ٻن عورتن سائمہ پنجابي ۽ نائلا خاصخيلي کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 1015 گرام چرس برآمد ڪري نارڪوٽيڪس ڪنٽرول ايڪٽ تحت سٽي ٿاڻي تي ڪيس داخل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سرحد پرسان مهر جي ٻن ڌرين وچ ۾ ٽريڪٽر جي ٽيپ وڄائڻ تان جهيڙو، هڪ زخمي

ٽريڪٽر جي ٽائپ وڄائڻ تان مهر برادريءَ جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو. اين سي داخل

لٺيون ڪهاڙيون لڳڻ سبب هڪ ڄڻو ولي محمد ولد محمد خان محمد مهر سخت زخمي ٿي پيو

واقعي بعد سرحد پوليس هڪ ڄڻي کي گرفتار ڪري لاڪ اپ حوالي ڪري ڇڏيو ڪيس داخل نہ ٿيو

سرحد (رپورٽ: غلام عباس مهر) سرحد پرسان مهر جي ٻن ڌرين وچ ۾ ٽريڪٽر جي ٽائپ وڄائڻ تان جهيڙو، لٺيون ڪهاڙيون لڳڻ سبب هڪ ڄڻو سخت زخمي پوليس زخمي کي ليٽر ڏئي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو. اين سي داخل هڪ ڄڻو گرفتار. خبر موجب سرحد لڳ ڳوٺ مور مهر ۾ ٽريڪٽر جي ٽائپ وڄائڻ تان مهر برادريءَ جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ لٺيون ڪهاڙيون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڪراچي: پوليس پاران هٿ ڪيل منشيات ۽ گرفتار ڪيل 3 ڄڻا منشيات فروش لاڪ اپ ۾ بيٺل آهن

ڪنگري ۾ ڪڻڪ جي خريداري سينٽر نہ کلي سگهيا، واپاري ٻنهي هٿن سان لٽڻ لڳا

پيرجوڳوٺ (رپورٽر) ڪنگري تعلقي ۾ ڪڻڪ جي خريداري سينٽر نہ کلي سگهيا آبادگارن کي واپاري ٻنهي هٿن سان لٽڻ لڳا آبادگارن پاران ڪڻڪ خريداري سينٽر کولي پريشاني دور ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو خبر موجب ڪنگري تعلقي ۾ ڪڻڪ جي خريداري جا سينٽر نہ کلي سگهيا آبادگارن کي واپاري ٻنهي هٿن سان لٽڻ لڳا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

تعلقي ڪيٽي بندر جي آئي بي اي پاس پرائمري استادن کي پگهارون نہ مليون، احتجاج

عيد کان اڳ پگهارون جاري ڪري بي چيني ختم ڪئي وڃي: مظاهرين جون ميڊيا سان ڳالهيون

پگهارون نہ ملڻ سبب استاد سخت مايوسيءَ جو شڪار آهن، عيد جون خوشيون اڌوريون رهجي ويون

ڪيٽي بندر جي نوان ڀرتي ٿيل پرائمري ميل استادن سان ناانصافي ڪئي پئي وڃي، نوٽيس ورتو وڃي

ڳاڙهو (رپورٽر) تعلقي ڪيٽي بندر جي آئي بي اي پاس پرائمري استادن کي پگهارون جاري نہ ٿيون، عيد کان اڳ پگهارون جاري ڪري بي چيني ختم ڪئي وڃي. استاد خبر موجب تعلقي ڪيٽي بندر جي آئي بي اي پاس پرائمري استادن جون پگهارون جاري نہ ٿيڻ سبب استاد سخت مايوسيءَ جو شڪار آهن. سندن عيد جون خوشيون اڌوريون رهجي ويون. استادن جو چوڻ آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 13 اپريل 2023 ع

گولڊن جوبليءَ تي مبارڪون ڀلي ڏيو پر.....

توڙي جو تاريخ ۾ هن ڀونءِ جي سڃاڻپ سامن تان سِر ڏيندڙن ۽ ننگن تان نثار ٿيندڙن جي ديس طور رهي آهي پر هاڻي هيءَ ڌرتي "عورتن جي مقتل گاهه" وارو تعارف جوڙڻ لڳي آهي. شايد ئي ڪو ڏينهن هجي، جو ڪارنهن جي الزام ۾ ڪنهن نياڻيءَ جي قتل جي ڏکوئيندڙ خبر ميڊيا تي رپورٽ نہ ٿيندي هجي! هاڻي تہ اهي واقعا ايتري تہ ڪثرت سان ٿيڻ لڳا آهن، جو ان کي معمول جي خبر سمجهي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو جڻ ڪجهہ ٿيو ئي نہ هجي! اهڙن واقعن تي اڪثريت جا پرون نٿا تاڻجن، اک آلي نٿي ٿئي. بيحسيءَ جو صحرا سڄي سنڌ جي سَرير ۾ سرايت ڪري ويو آهي. سنڌ جي صوفياڻي سڃاڻپ، جي ملندي تہ صرف تاريخ جي تہ خانن ۾ مدفون ملندي. هاڻي تہ سنڌ کي "ڀوتارن جي ڀونءِ" ۽ "ڌاڙيلن جي ڌرتي" واري سڃاڻپ ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي وئي آهي. ڪارنهن جي ڪُڌي رسم واري ديوَ جو ساهہ جرڳائي ڀوتارڪي سرشتي جي طوطي ۾ آهي. جيستائين ان طوطي جو ڪنڌ مروڙي ان کي بي جان نہ ڪبو، تيستائين ان ديوَ جا پساهہ پورا نہ ٿيندا ۽ سنڌ جون نياڻيون ائين غيرت جي نالي ۾ گولين ۽ ڪهاڙين جو ڪاج ٿينديون رهنديون.

ماضيءَ ۾ سنڌ ڪٿي ڪيڏي بہ امن پسند ۽ انسان دوست روايتن جي امين رهي هجي پر هن وقت ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ "اشرافيہ" ۽ ان جي "مجرم سپاهہ" سنڌ ۾ "عورت ٻُوءِ . عورت ٻُوءِ" ڪندي ڪاهي پئي آهي ۽ غيرت جي نالي ۾ عورتن جي قتل جا نوان رڪارڊ جوڙي رهي آهي. اها "اشرافيہ". ڏوهہ جنهن جي معيشت آهي. توڙي جو سڄي ملڪ وانگر سنڌ ۾ بہ 1973 ع واري آئين جي گولڊن جوبليءَ تي جشن ملهايو پيو وڃي. سنڌ اسيمبليءَ مان مبارڪن وارو نهراءُ منظور ڪيو ويو آهي، پر حڪمرانن جي ٻئي طرف حالت اها آهي تہ اهي ان آئين تي عمل ڪرائڻ لاءِ تيار نہ آهن. 1973 ع وارو آئين مرضيءَ سان (پسند جي) شاديءَ جو حق ڏئي ٿو پر سنڌ ۾ ان حق جي پائماليءَ تي شايد سنڌ انتظاميا ۽ ڀوتارڪي خلق سهمت آهن. جو پسند جي شادي ڪندڙ يا پنهنجي مرضيءَ جو اظهار ڪندڙ نياڻين کي ڪارنهن جي الزامن ۾ قتل ڪيو وڃي ٿو، حڪومت ان آئيني حق جي تحفظ لاءِ ڪي بہ قدم نٿي کڻي. جڻ تہ جرڳائي ڀوتارن کي کلي ڇوٽ مليل هجي، جيڪي جرڳا ڪري عورتن جي عصمت جو اگهہ ۽ زندگيءَ جي قيمت لڳائين ٿا. ڪيترا جرڳا تہ سرڪاري سرپرستيءَ ۾ ٿيندي ڏٺا ويا آهن. ڪارنهن جو ڪوڙو الزام هٽي ڏنڊ وٺڻ بہ هڪ وڏو ڪاروبار عروج تي آهي. ڀوتارن جي ڏڍ تي پنهنجي بيگناهہ نياڻيءَ کي قتل ڪري ڪارنهن جو الزام ڪنهن نوجوان تي هڻي پئسا ورتا ويندا آهن. آخر فيصلو تہ وري بہ ڀوتار کي ڪرڻو هوندو آهي. چارلس نيپيئر هڪ غاصب جرنيل هو، پر ان جي هڪ چڱائي تاريخ جو حصو آهي. ان سنڌ ۾ ڪارنهن جي الزامن ۾ عورتن جو قتل بند ڪرايو. جنهن علائقي ۾ ڪارنهن جي الزام ۾ عورت قتل ٿيندي هئي، اتي جي وڏيري ۽ ڀوتار کي سزا ڏني ويندي هئي. سنڌ جا منتظمين ان غاصب جي ئي فارمولا تي تجرباتي طور تي ڪٿي عمل ڪن!

ڪارنهن جي الزامن هيٺ عورتن جي قتل جي وڌندڙ انگن اکرن تي حڪمرانن کي ڳڻتي نہ هجڻ بہ هڪ وڏي ڳڻتيءَ جي ڳالهہ آهي. اسان اها گهر ڪرڻ ۾ حقي واجبي آهيون تہ سنڌ جي چونڊيل ايوان مان آئين جي گولڊن جوبليءَ تي واڌاين وارو نهراءُ سٺي ڳالهہ آهي، پر هن ملڪ کي اهو متفق آئين ڏيندڙ شهيد ڀٽي جي پارٽي ان آئين تي عمل ڪرائي سنڌ جي نياڻين جي مرضيءَ/پسند جي شاديءَ واري حق جو تحفظ ڪري. غيرت جي نالي ۾ نياڻين جو قتل بند ڪرايو وڃي. جرڳن تي سنڌ هاءِ ڪورٽ (سکر بينچ) طرفان وڌل پابنديءَ تي عمل ڪرايو وڃي. جرڳائي ڀوتارن ۾، قطع نظر انهن جي سياسي وابستگيءَ جي، هٿ وڌو وڃي.

مهانگائيءَ جا سبب ۽ ان جا سياست تي منفي اثر

پيتامبر لوهاڻو

اڄڪلهہ ملڪ ۾ هرطرف شديد مهانگائيءَ جي رڙ آهي. پهرين فقط غريب عوام آزاريل هو پر هاڻي مهانگائي مڊل ڪلاس کي پڻ پريشان ڪري رهي آهي. ملڪ جي سياست ۽ ميڊيا ۾ ان جو ذڪر ضرور آهي پر ان جي بنيادي سببن تي ڳالهہ ٻولهہ نہ هجڻ جي برابر آهي. صرف اهو چوڻ تہ مهانگائي آهي، ڪافي نہ آهي. مهانگائي جي مسئلي جي "جان" جنهن "مقدس طوطي" ۾ آهي، ان کي سڃاڻڻ ۽ ڪنٽرول ڪرڻ کان سواءِ مسئلي جو ڪو حل نہ نڪرندو. مهانگائي جو مرض نئون نہ آهي. تاريخ ۾ ان جو ذڪر ۽ ان جي ڪري رياستن جي ٽٽڻ جا واقعا درج ٿيل آهن. رومي سامراج جي تباهي، هٽلر ۽ ٻي عالمي جنگ ۽ ڪنهن حد تائين سوويت يونين جي ٽٽڻ ۾ بہ ان مرض مدد ڪئي هئي، جنهن جو تفصيل ڪالم ۾ آخرِ ۾ توهان کي پڙهڻ لاءِ ملندو. ڪا بہ رياست فقط مهانگائي جي ڪري ڪانہ ڪرندي آهي. رياست جي ناڪاميءَ جا ڪئين سبب هوندا آهن پر ناقابلِ برداشت مهانگائي انهن مان هڪ اهم سبب ضرور آهي. جيڪو سماج کي اڌوهي جيان اندران کائي کوکلو ڪندو آهي.

مهانگائي ڇو ٿيندي آهي؟: قيمتون آسمان کي تڏهن ڇهنديون آهن، جڏهن حڪمران نوان اضافي نوٽ ڇاپيندا آهن. اها مصنوعي دولت هوندي آهي، جيڪا شين جي پيداوار مان حاصل ڪرڻ جي بدران پرنٽنگ پريس ۾ ڇاپي ويندي آهي. اهي اضافي نوٽ انهن شين جي پويان ڊوڙندا آهن، جيڪي سماج ۾ اڳ ئي محدود هونديون آهن. سرمائيدارانہ معاشي دانشور شين جي وڌيل قيمتن کي مهانگائي چون ٿا. جيڪو سچ نہ آهي پر مهانگائي نئين نقلي دولت آهي، جيڪا مارڪيٽ ۾ اڃي شين کي مهانگو ڪري ٿي. رياست اضافي نوٽ تڏهن ڇاپيندي آهي، جڏهن هن جي وصول ڪيل آمدني خرچن کان گهٽ هوندي آهي. جيڪا مهانگائي جو بنيادي سبب آهي. رياست جي آمدني جو وڏو حصو ٽيڪسن مان ايندو آهي. جيڪو اشرافيہ کان ورتو ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ملڪ جي اشرافيہ پنهنجي حصي جو ٽيڪس نہ ڏي تہ پوءِ رياست خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ اضافي نوٽ ڇاپيندي رهندي آهي يا وري هو قرض کڻندي آهي. جيڪڏهن هو اهو قرض عالمي مالياتي ادارن کان کڻندي تہ عالمي ادارا خرچ گهٽائڻ جي گهر ڪندا. ان حالت ۾ اسٽيبلشمينٽ پنهنجا خرچ گهٽائڻ بجاءِ غريبن جي تعليم، صحت ۽ ٻين سهولتن کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. رياست چاهي اضافي نوٽ ڇاپي يا وري قرض کڻي، ٻنهي صورتن ۾ مهانگائي ۾ اضافو ٿيندو رهندو آهي. جيڪو سڀ کان وڌيڪ غريب عوام ۽ پوءِ مڊل ڪلاس کي متاثر ڪندو آهي. اشرافيہ تي ان جو ڪو بہ اثر نہ ٿو پوي. گذريل ٽيهن سالن ۾ جيتري مهانگائي وڌي آهي، اشرافيہ وري اوترو ئي دولتمند ٿي آهي. گذريل ڪئين ڏهاڪن کان نوٽ ڇاپيندي ۽ قرض کڻندي هاڻي اسان ان حد کي پهتا آهيون، جو قرض ڏيڻ وارا بہ اسان کان منهن موڙي رهيا آهن يا وري رياست کان انهن جي جيوپوليٽڪس ۾ شرڪت ڪرڻ جي گهر ڪري رهيا آهن. ڪجهہ ڏينهن پهرين هڪ آفريڪي ملڪ جي سربراهہ اها شڪايت ڪئي هئي تہ آمريڪا جي خزاني جي سيڪريٽري جينٽ ييلن هن کي قرض ڏيڻ لاءِ يوڪرين جي جنگ ۾ شرڪت جو مطالبو ڪيو آهي. اها شڪايت اسان لاءِ هڪ اشارو آهي.

مهانگائي جو ذميوار ڪير؟: مهانگائي جو ذميوار ملڪ جي اشرافيہ ۽ ان جو جوڙيل معاشي نظام آهي. جيڪو ان پنهنجن مفادن جي تحفظ لاءِ عالمي مالياتي ادارن سان ملي ڪري ٺاهيو آهي. اهو نظام مسلسل غريب کي وڌيڪ غريب ۽ اشرافيہ کي وڌيڪ دولتمند ڪري رهيو آهي. ملڪ جي اشرافيہ اها ڪوشش ڪندي آهي تہ مهانگائي جا اصلي سبب عوام تائين نہ پهچن. هو ڪڏهن سابق حڪومت تہ ڪڏهن وري آءِ ايم ايف تي الزام لڳائيندا آهن. سابق حڪومت ڪير هئي؟ اها ساڳئي اشرافيہ آهي. جيڪا مختلف طريقن سان حڪومتون ٺاهيندي آهي ۽ ٽوڙيندي آهي ۽ پاڻ مقدس ڳئون جيئن قرباني کان بچي ويندي آهي. اڄڪلهہ وري آءِ ايم ايف جو نالو چوٽ چڙهيل آهي. آءِ ايم ايف ڪو عوام دوست ادارو نہ آهي پر هو عالمي سامراج جو هٿيار آهي، ان کي منٿ ڪري ملڪ ۾ وٺي اچڻ واري بہ اسان جي اشرافيہ ئي آهي. ڇو جو آءِ ايم ايف کان ملندڙ قرض جو هڪ حصو انهن جي کيسي ۾ وڃي ٿو پر ان جو بوجهہ غريب عوام کي سهڻو پوي ٿو. دنيا جي ملڪن جي اشرافيہ جا مفاد پاڻ ۾ جڙيل آهن. آءِ ايم ايف اهڙيون پاليسيون ۽ پروگرام جوڙيندو آهي. جنهن سان قرض ڏيندڙ ملڪن جي اشرافيہ کي پهرين فائدو ٿئي ۽ پوءِ قرض وٺندڙ ملڪن جي اشرافيہ جو وارو اچي.

مهانگائي جا نتيجا : جيڪڏهن ڪرنسي بي قدر ٿي ويندي تہ پوءِ سماج پڻ بي قدر ٿي ويندو. مهانگائي ڪنهن بہ مسئلي جو حل نہ آهي پر سماج جي اندر غصي، نفرت ۽ تشدد کي جنم ڏئي ٿو شديد مهانگائي سماج جي پيچ ڊاهہ ۾ تيزي آڻيندي آهي. تاريخ ۾ اهڙا ڪافي مثال موجود آهن. جن ۾ مهانگائي جي ڪري سماجن ۾ وڏي اٿل پٿل آئي هئي. جرمني ۾ هٽلر جو عروج ناقابلِ برداشت مهانگائي جي ڪري ٿيو هو. جنهن جو سبب وائيمار ريپبلڪ پاران خرچ پورا ڪرڻ لاءِ بي انتها نوٽ ڇاپڻ هو. رياست ايترا نوٽ ڇاپيا هئا، جو ماڻهو نوٽن جو ٿيلهو ڀري مانيءَ جو ڳيو وٺندا هئا ۽ عوام جو اشرافيہ جي نظام تان اعتماد کڃي ويو هو. پوءِ جيڪا تباهي آئي، تنهن نہ تہ غريب کي بخشيو ۽ نہ وري اشرافيہ کي. جرمني کان پهرين روم جي اشرافيہ ملڪي خزاني کي جنگين ۾ لٽايو هو ۽ جڏهن فوجين کي پگهار ڏيڻ جي سگهہ نہ رهي ۽ خزاني ۾ چاندي ختم ٿي وئي تہ بادشاهہ چانديءَ جي بدران پتل جا سڪا جاري ڪيا. جيئن تہ پتل سستو هو. انهيءَ ڪري ٻيڻي تعداد ۾ سڪا جاري ڪيا ويا هئا. اهي سڪا فوجين کي پگهار طور ڏنا ويا پر هو انهن سڪن سان پهرين کان گهٽ شيون خريد ڪري ٿي سگهيا ۽ انهن جي زندگي جنجال ٿيڻ لڳي. آخرڪار انهن رياست جي دفاع جي بدران ٻين علائقن ڏانهن لڏ پلاڻ شروع ڪئي ۽ رياست آريا قبيلن جي حملن جو مقابلو نہ ڪري سگهي، رومي سامراج فنا ٿي ويو. سوويت يونين ۾ ڪميونزم جي ناڪامي جو هڪ اهم سبب بہ اهو ئي هو.

اسان جي ملڪ جي اشرافيہ اها غلطي ورجائي رهي آهي، جنهن سان ملڪ ۾ شديد مهانگائي جو جيڪو طوفان آيو آهي، تنهن عوام جي زندگي عذاب ڪري ڇڏي آهي. رياست نوٽ ڇاپي پنهنجا خرچ پورا ڪري رهي آهي، جنهن سان ملڪ ۾ مهانگائي جي سونامي آئي آهي. جڏهن ڪنهن ملڪ ۾ مهانگائي پنجاهہ سيڪڙو ٿئي تہ ان جو مطلب اهو آهي تہ سرڪار هڪ جي جڳهہ تي ٻہ نوٽ مارڪيٽ ۾ ڏنا آهن. اهو بلڪل ائين آهي جيئن رومن بادشاهہ نيرو چاندي جي هڪ سڪي جي جڳهہ تي پتل جا ٻہ سڪا ڏنا هئا. فرق اهو آهي تہ ان وقت عوام ڏسي سگهيو ٿي تہ هن وٽ چاندي نہ پر پتل جا سڪا آهن. جنهن جو ملهہ گهٽ آهي پر اڄ جو اڻ ڄاڻ عوام تہ نوٽن کي ڏسي اهو نہ ٿو سمجهي سگهي تہ هن سان ڪهڙي واردات ٿي رهي آهي.

ڏنءُ ڏنءُ ڏَمڻَ وار، اڄ پڻ آڳرين جي؛

ٻاري مچ مَجاز جو، اوتيائون اڳارَ؛

ڏُوڏا! تِيئِ مَ ڏارَ، جِمَ ڪَچو رُڪُ ڪٽيُون ٿئي.

قبيلائي نظام جي ور چڙهيل سنڌي سماج

خاصخيلي لطيف راولاڻي

سنڌ ۾ ڪافي سالن کان قبيلائي جاگيرداري وڏيرڪو ڀوتار ڪلچر ايڏو تہ مضبوط ٿي چڪو آهي جو اڄ ڏينهن تائين ان جون پاڙون پٽجي نہ سگهيون آهن انهي ڏس ۾ متاثر ٿيل علائقن ۾ پوليس ۽ قانون نافذ ڪندڙ ادارا بہ محفوظ ڪونہ آهن خاص طور تي ڪنڌڪوٽ ڪشمور ۽ گهوٽڪي جي علائقن ۾ ڌاڙيلن جو ايڏو تہ مضبوط نيٽ ورڪ وڇايل آهي جو آپريشن دوران پوليس جا اعلي عملدار بہ پنهنجيون حياتيون وڃائي ويٺا آهن جن جو اڄ ڏينهن تائين ڪو بہ تدارڪ نہ ٿيو آهي ۽ نہ انهي مسئلي جو ڪو خاطرخواه حل ڳوليو ويو آهي ان ڪري ئي قبيلائي جاگيرداري نظام ۾ اسان جا ڪيئي ڪونڌر ڪسجي ويا آهن ڪافي سال اڳ ۾ بہ اهڙي طرح نوجوان سياسي سماجي اڳواڻ سيف جتوئي پڻ جتوئي ڪليري قبيلائي جهيڙي جي ور چڙهي ويو ان کان پوءِ لڳاتار اهو سلسلو جاري آهي اسان

وٽ قبيلائي نظام ايڏو تہ مضبوط آهي جو ان جي خاتمي لاءِ سياسي سماجي تنظيمون بيوس آهن جو ان علائقي جا چونڊيل نمائندا بہ انهي قبيلائي نظام جو حصو آهن ان جي خلاف اتي جي صحافين بہ انهي نظام خلاف آواز اٿاريو تہ صحافين جي آواز کي بہ دٻايو ويو شان ڌر بهادر صحافي ان جو جيئرو جاڳندو مثال اسان جي آڏو آهي انهي ڏس ۾ ام رباب جو واقعو هجي يا تانيہ خاصخيلي جو قتل ۽ سرداري ڀوتارڪي نظام جي ور چڙهيل ناظم جوکيو ۽ ٻيا ڪيئي گمنام قتل ان نظام جي مضبوطي جي دليل آهن پر ان فرسوده نظام کي ختم نہ ڪري سگهيا جو اڄ وري اسان جو قيمتي اثاثو جيڪو يورپ کي ڇڏي ڪري سنڌ ۾ آيو ۽ هتي مستقل سنڌي عوام لاءِ خدمتون جاري رکيائين،

سنڌي قوم جي بهتر مستقبل لاءِ اونداهي ۾ ڏيئو روشن ڪيائين جيئن اڄ جو نوجوان اونداهي مان نڪري روشني ۾ اچي ۽ پنهنجا ڪسيل حق واپس وٺي اهڙا خيال رکندڙ سنڌ جو ڏاهو سنڌ جو شعور پنهنجي وطن موٽي اُ بي اي سکر ۾ تعليم ڏيئي رهيو هو جيئن هتي صدين کان رائج فرسوده نظام کي ختم ڪري سگهجي پر ائين نہ ٿي سگهيو پاڻ ئي انهي ڪُڌي نظام جي ور چڙهي ويو هي ڌرتي اڃان بہ قرباني گهري ٿي جيڪا قرباني ماضي ۾ هوشو هيمون روپلو ڏيئي ويا آهن پر هي ڌرتي اڃان بہ قرباني گهري ٿي جيئن سڄي ڌرتي رت سان ڳاڙهي ٿي وڃي اجمل ساوند جو قتل سنڌ جي ڏاهپ جو قتل آهي انسانيت جو قتل آهي جيڪو جاري آهي صدين کان ان جي مڪمل خاتمي جي لاءِ وڏي جدوجهد جي ضرورت آهي تہ ان قبيلائي نظام جي خلاف سنڌي سماج اٿي ڪڙو ٿئي ۽ ان جي خاتمي تائين ڊگهي جدوجهد ڪئي وڃي ۽ اهڙن ڏاهپ رکندڙ ذهين باشعور شهري بچايا وڃن ان لاءِ ڊگهي جدوجهد ڪرڻي پوندي تڏهن وڃي ڪو ان مسئلي جو خاطرخواه نتيجو نڪرندو شاه سائين بہ فرمايو آهي تہ

هڻڻ هڪلڻ مانجهائي مرڪ وڃهن تان ئي فرق جئين رڪ وهندي راند ۾

بقايا 01 ***

ڪورٽ (پريڪٽس اينڊ پروسيجر) بل 2023 جي عنوان سان پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس مان منظور ڪيل بل جو مقصد چيف جسٽس جي آفيس کي انفرادي حيثيت ۾ ۽ پاڻمرادو نوٽيس وٺڻ جي اختيار کان محروم ڪرڻ آهي ۽ اهو اختيار چيف جسٽس سميت ٽاپ 3 ججن جي ڪميٽي کي ڏنو ويو آهي. اهو شروعاتي طور تي پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن طرفان منظور ڪيو ويو ۽ صدر ڏانهن موڪليو ويو. صدر ان کي آئين سان ٽڪراءُ ۾ قانون قرار ڏيندي نظر ثاني لاءِ پارليامينٽ کي واپس موڪليو صدر چيو هو تہ تجويز ڪيل قانون "پارليمان جي اختيار کان ٻاهر" آهي. جنهن بعد حڪومت سومر ڏينهن پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ بل کي ڪجهہ ترميمن سان منظور ڪيو هو. ٻي ٽي آءِ قانون سازن ان جي مخالفت ڪندي ايوان ۾ ڪوڙ ڪيو هو. اربع ڏينهن جاري ڪيل روسٽر موجب 8 رڪني بئنچ ۾ چيف جسٽس عمر عطا بنديال، جسٽس اعجاز الاحسن، جسٽس منيب اختر، جسٽس سيد مظاهر علي اڪبر نقوي، جسٽس محمد علي مظهر، جسٽس عائشہ ملڪ، جسٽس سيد حسن اظهر رضوي ۽ جسٽس شاهد وحيد شامل آهن. جن 4 ججن چيف جسٽس جا اختيار گهٽ ڪرڻ بابت فيصلا ڏنا آهن. انهن مان ڪنهن کي بہ بينچ ۾ شامل ناهي ڪيو ويو جن ۾ سينئر ترين جج، جسٽس قاضي فائز عيسيٰ، جسٽس سردار طارق مسعود، جسٽس منصور علي شاهہ، جسٽس يحيٰ آفريدي، جسٽس امين الدين خان، جسٽس جمال خان مندوخيل ۽ جسٽس اطهر من الله شامل آهن هي جج مختلف ڪيسن ۾ فيصلو ڏنو هو تہ چيف جسٽس کي خاص بينچ ناهڻ يا ان جي ميمبرن کي اڳتي پوئتي ڪرڻ ڪو ڪيس ميرٽ بدران من ماني جي بنياد تي بدڻ لاءِ مقرر ڪرڻ جو اختيار ناهي. سنڌن اهو بہ چوڻ هو تہ رولز موجب اختيار سپريم ڪورٽ کي ڏنل آهن ۽ سپريم ڪورٽ جا سڀ جج شامل آهن اڪيلو چيف جسٽس ون مين شو نٿو ڪري سگهي. اربع تي جاري ڪيل ڪاز لسٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ آئين جي آرٽيڪل 184 (3) تحت ٽي درخواستون ايڊووڪيٽ محمد شفيع منير، راجا عامر خان، چوڌري غلام حسين ۽ ٻين داخل ڪيون آهن. آئين جو آرٽيڪل 184 (3) سپريم ڪورٽ جي اصل دائري اختيار کي بيان ڪري ٿو، ۽ ان کي پاڪستان جي شهرين جي "ڪنهن بہ بنيادي حق جي نفاذ" جي حوالي سان "عوامي اهميت" جي سوال سان لاڳاپيل معاملن ۾ دائره اختيار فراهم ڪري ٿو. ايڊووڪيٽ منير طرفان داخل ڪرايل درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي تہ درخواست آئين جي تحفظ ۽ عدليہ جي آزادي لاءِ داخل ڪئي وئي آهي. درخواست ۾ نامزد جوابدارن ۾ وفاقي حڪومت، قانون واري سيڪريٽري، سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي کي بہ شامل ڪيو ويو آهي. بينچ جوڙڻ بابت وزيراعظم جي خاص معاون عطا الله تارڙ ٽوئيٽ ۾ چيو آهي تہ جيڪو قانون اڃا لاڳو ئي نہ ٿيو آهي ان خلاف ڪيس بڌڻ پارليامان جي توهين آهي. هو اڳ ۾ چوندو رهيو آهي تہ چيف جسٽس هر خيال ججن جي بينچ ناهن بدران فل ڪورٽ ۾ معاملاطئي ڪري.

بقايا 02 ***

جي چيف جسٽس راجا سعيد اڪرم چيو تہ اوهان ٻيهر اپيل سياٽي ڪٿي اچو، اپيل جو ٽائٽل صحيح نہ آهي. اپيل ۾ سردار تنوير الياس کي وزيراعظم لکيو ويو آهي. سردار تنوير الياس جي وڪيلن کي چيف جسٽس چيو تہ جيڪڏهن هو وزيراعظم آهي تہ اپيل داخل ڪرڻ جي ضرورت ڇو آهي؟ فيصلو غلط ٿيو يا صحيح هجي ان تي فيصلو بعد ۾ ٿيندو ان کان اڳ

اڳوڻي وزيراعظم سردار تنوير الياس جي اپيل کي سپريم ڪورٽ جي رجسٽرار اعتراض لڳائي واپس ڪري ڇڏيو آهي. اعتراض ۾ چيو ويو آهي تہ سردار تنوير الياس کي ڊي سيٽ ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن هن سان چونڊي لڳايو ويو. سردار تنوير هاڻ وزيراعظم نہ آهي هو اڳوڻو وزيراعظم آهي. جنهن کان پوءِ اڳوڻي وزيراعظم جي ليگل ٽيم اعتراض ختم ڪرڻ لاءِ واپس رواني ٿي وئي آهي. اڳوڻي وزيراعظم جي ليگل ٽيم ۾ ايڊووڪيٽ ريشم خان ۽ سردار عبدالرزاق خان ايڊووڪيٽ شامل آهن ياد رهي تہ توهين عدالت ڪيس ۾ آزاد ڪشمير جي وزيراعظم تنوير الياس جي نااهلي کان پوءِ سينئر پرڏيهي وزير خواجہ فاروق کي وقتي وزيراعظم بڻايو ويو آهي. نئين وزيراعظم جي چونڊ تائين خواجہ فاروق وقتي وزيراعظم جا فرض انجام ڏيندو

بقايا 03 ***

ڪيو ويو جيئن توانائي جي مساوات کي بهتر بڻائڻ ۽ صوبي ۾ توانائي جي غربت کي ختم ڪئي وڃي. سيد مراد علي شاهہ ڪابينا جي فيصلي کي بجلي جي پيداوار، ٽرانسميشن ۽ ورچ جي حوالي سان هڪ تاريخي قدم قرار ڏنو. اجلاس ۾ صوبائي وزيرن، صلاحڪارن، خصوصي معاونن، چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت، چيئرمين پي اينڊ ڊي حسن نقوي، ٻي ايس سي ايم قياض جتوئي ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي. توانائي واري صوبائي وزير امتياز شيخ ڪابينا کي بريفنگ ڏيندي چيو تہ سنڌ کي توانائيءَ جي وسيلن سميت ڪوئلي، سولر ۽ ونڊ جي مڪمل ويليو چين سان نوازيو ويو آهي. جنهن کي فضائي، زميني ۽ سامونڊي رستن ذريعي سستي رسائي حاصل آهي. جنهن کي استعمال ۾ آڻي سگهجي ٿو بجلي جي پيداوار لاءِ سنڌ گرڊ ڪمپني جي ٽرانسميشن نيٽ ورڪ ذريعي صوبي جي گهريلو ڪمرشل ۽ صنعتي صارفين جي گهرج کي مناسب اگهہ تي پورو ڪيو وڃي. امتياز شيخ چيو تہ صوبائي پاور منصوبن خاص ڪري قابل تجديد منصوبن کي درپيش مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو ونڊ ۽ سولر ڊولپمينٽ، قومي فريم ورڪ جي اندر انڊيڪيٽو جنريشن ڪيپيسٽي ايڪسپينشن پلان 2021 (IGCEP 2021) ۾ شامل نہ ٿيڻ جي حوالي سان، ۽ وفاقي ادارن پاران وڌيڪ پروسيسنگ جي ڪوٽ آهي. ان تي وڏي وزير چيو تہ اهو ضروري آهي تہ پيداوار، ٽرانسميشن، ڊسٽري بيوشن ۽ ريگيوليشن لاءِ هڪ هوليسٽڪ قانوني، پاليسي ۽ ريگيوليٽري فريم ورڪ ناهيو وڃي تہ جيئن توانائي جي مساوات کي بهتر بڻائي سگهجي ۽ صوبي ۾ توانائي جي غربت جو خاتمو آندو وڃي. نيپرا ايڪٽ 1997 جي سيڪشن (7) (4) تحت صوبن کي اجازت ڏني وئي آهي تہ اهي پاور هائوسز ۽ گرڊ اسٽيشنون ناهي سگهن ۽ صوبي اندر استعمال لاءِ ٽرانسميشن لائينون وڇائي سگهن ۽ صوبي اندر بجلي جي ورچ لاءِ ٽيرف مقرر ڪن. ڪابينا تفصيلي بحث ڪانپوءِ سنڌ اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي جي قيام جي منظوري ڏني. بي آر ٽي ريڊ لائين: صوبائي وزير ٽرانسپورٽ شرجيل ميمڻ اجلاس کي ٻڌايو تہ ڪراچي بي آر ٽي ريڊ لائين پروجيڪٽ 503.2 ملين ڊالر جي لاڳت سان ايشيائي ترقياتي بئنڪ ۽ ڪو نانسرز AIIB، AFD ۽ GCF جي تعاون سان لاڳو ڪيو پيو وڃي. هن وڌيڪ چيو تہ ٽرانسڪراچي ان منصوبي تي عملدرآمد ڪندڙ ادارو هو بي آر ٽي پروجيڪٽ ڪوريڊور شهر جي شهري علائقن مان گذري ٿو جيڪو مليرِ هالٽ کان شروع ٿئي ٿو ۽ مليرِ ڪينٽونمينٽ، صفورا، يونيورسٽي روڊ ۽ نوميش کان ٿيندو ٽاور تي ختم ٿئي ٿو. علاءِ الدين پارڪ جي زمين جيڪا موسمياتي ديو جي پرسان آهي ان کي منصوبي

جي ٻئي ڊپو طور استعمال ڪرڻ جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. ٽرانسپورٽ کاتي جي درخواست تي. ڪابينا علاءِ الدين پارڪ جي 16 ايڪڙ زمين ٽرانسپورٽ کاتي کي فراهم ڪرڻ جي تجويز جي منظوري ڏني. ان کي بس ڊپو/ اسٽيجنگ جي سهولت طور ترقي ڪريو بس ڊپو جي خصوصيتن ۾ بس پارڪنگ جي سهولت، بس انسپيڪشن ايريا، فلنگ اسٽيشن (بايوگاس)، ورڪشاپ، آفيسون، بس واش، ۽ ويڪيوم جي سهولت، واچ ٽاور، سيڪيورٽي ۽ مين انٽري گيٽس، واٽر ريسائڪلنگ پلانٽ ۽ فائر پمپ ڪمرو شامل آهن. ڪابينا بي آر ٽي ريڊ لائين منصوبي لاءِ بايو گيس پلانٽ لڳائڻ لاءِ ذبح خاني جي زمين قبضي ۾ وٺڻ لاءِ ٽرانسپورٽ کاتي کي پڻ هدايت ڪئي. صوبائي ڪابينا پاڻ جي فرق کي پورو ڪرڻ لاءِ پيپلز بس سروس لاءِ 246.678 رپيا سبسڊي ڏيڻ جي پڻ منظوري ڏني. گهٽ ۾ گهٽ اجرت: صوبائي وزير محنت سعيد غني جي تجويز تي ڪابينا 42 صنعتن ۾ ڪم ڪندڙ ماهر مزدورن جي ٽن ڪيٽيگريز يعني نيم ماهر ۽ اعليٰ مهارت رکندڙ مزدورن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اجرت جي مقرري جي منظوري ڏني. ڪابينا جي منظور ڪيل نئين شرح جنوري 2023 ع کان 26000 رپيا نيم ماهر مزدورن لاءِ 31,961 رپيا اسڪلڊ ورڪرز لاءِ ۽ 33,491 رپيا اعليٰ مهارت رکندڙ مزدورن لاءِ 33,491 رپيا ريٽرو اسپيڪٽي اثر سان جنوري 2023 ع کان لاڳو ٿيندي. وڏي وزيرچيو تہ ان ايندڙ مالي سال کان مختلف ڪيٽيگريز جي مزدورن جي نئين اجرت تي غور ڪيو ويندو سنڌ ۾ ايف بي آر آر وچ ۾ ڊيٽا شيئرنگ: وزير روينيو مخدوم محبوب ڪابينا کي ٻڌايو تہ فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) ڊيٽا جي ٻہ طرفي معاهدو ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو ورلڊ بئنڪ "پاڪستان ريزز روينيو" پروگرام تحت بهتر روينيو پيدا ڪرڻ لاءِ مختلف سرڪاري شعبي جي ادارن وچ ۾ معلومات جي متاسنا لاءِ هڪ موثر ميڪنزم تيار ڪرڻ لاءِ بورڊ آف روينيو سنڌ سان شيئر ڪيو. جنهن ۾ نشاندهي ڪئي وئي تہ ايف بي آر سان معاهدو ڪيو ويو آهي. 6 اپريل تي. تنهن ڪري ڪابينا پوسٽ فيڪٽو منظوري ڏني. هينڊز، آءِ ڊيز: صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا پيچوهو ڪابينا کي ٻڌايو تہ هينڊز جي گورننگ باڊي گڏ ڪري وڏي اوارڊنگ انسٽيٽيوٽ "هنڊز - انسٽيٽيوٽ آف ڊولپمينٽ اسٽڊيز (هڊ- آئي ڊي ايس) قائم ڪرڻ جي تجويز ڏني آهي. هن وڌيڪ چيو تہ سنڌ ايچ اي سي چارٽر جي گرانٽ جي سفارش ڪئي آهي. ڪابينا تجويز جي منظوري ڏيندي ان کي اسيمبلي حوالي ڪري ڇڏيو. ڪابينا صحت کاتي جي سفارش تي جسٽس عبدالرسول ميمڻ ۽ ڊاڪٽر غلام رسول شاهہ کي سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جو ڪمشنر مقرر ڪري ڇڏيو

بقايا 04 ***

2018 تي عمران خان مون سان فون تي رابطو ڪيو. عمران خان سان سنا لاڳاپا هئا مان سنڌس ڪور ڪميٽي جو ميمبر هئس. عمران خان مون کي چيو تہ منهنجو نڪاح پڙهائڻو آهي بشريٰ بي بي سان پڙهائي. عمران خان مون کي چيو تہ نڪاح پڙهائڻ جي لاءِ لاهور وڃڻو آهي. مفتي سعيد موجب بشريٰ بي بي سان گڏ هڪ عورت پاڻ کي بشريٰ بي بي جي ڀيڻ ظاهر ڪيو. عورت کان مون پڇيو تہ ڇا بشريٰ بي بي جو نڪاح شرعي طور تي ٿي سگهي ٿو؟ ان تي عورت ٻڌايو تہ بشريٰ بي بي جي نڪاح جون سموريون شرعي شرطون مڪمل آهن. عورت ٻڌايو تہ عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جو نڪاح پڙهائي سگهجي ٿو مفتي سعيد پنهنجي بيان ۾ وڌيڪ چيو تہ پهرين جنوري 2018 تي عورت جي يقين ڏيارڻ تي عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جو نڪاح پڙهايس جنهن کان پوءِ عمران خان مون فيبروري 2018 ع تي ٻيهر رابطو ڪيو ۽ درخواست ڪئي تہ بشريٰ بي بي سان ٻيهر نڪاح پڙهائڻو آهي. مفتي سعيد موجب عمران خان چيو تہ پهرين نڪاح وقت بشريٰ بي بي جي عدت جو ٽائيم مڪمل نہ ٿيو هو. عمران خان چيو هو تہ نومبر 2017 ۾ بشريٰ بي بي کي طلاق ٿي. عمران خان مون کي ٻڌايو تہ بشريٰ بي بي سان نڪاح ڪرڻ تي اڳڪٿي هئي تہ هو وزيراعظم بڻجي ويندو. عمران خان ٻڌايو تہ پهريون نڪاح غير شرعي هو مفتي سعيد چيو تہ عمران خان ۽ بشريٰ بي بي سڀ ڪجهہ خبر هجڻ باوجود بہ نڪاح ۽ شادي جي تقريب منعقد ڪئي. عمران خان ۽ بشريٰ بي بي پهريون نڪاح غيرقانوني هو جيڪو اڳڪٿي سبب ٿيو هو

بقايا 05 ***

ڊر ٻڌايو ويو آهي. درخواست مشڪور حسين ايڊووڪيٽ نديم سرور جي حوالي سان داخل ڪئي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي تہ ٻنهي ايوانن مان سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل منظور ٿي ايڪٽ بڻجي چڪو

آهي. ايڪٽ جي سيڪشن 4 ذريعي سوموٽو فيصلي خلاف اپيل جو حق ڏنو ويو آهي. درخواستگذار جو چوڻ آهي تہ سوموٽو جي فيصلي خلاف اپيل جو حق ڏيڻ آرٽيڪل 184 ۽ 185 جي ڀڃڪڙي آهي. اپيل جو حق صرف آرٽيڪل 184 ۽ 185 ۾ ترميم ڪري ئي ڏئي سگهجي ٿو درخواست ۾ استدعا ڪئي وئي آهي تہ لاهور هاءِ ڪورٽ سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ جي سيڪشن 4 کي ڪالعدم قرار ڏئي ۽ درخواست جي حتمي فيصلي تائين سيڪشن 4 تي عملدرآمد روڪيو وڃي.

بقايا 06 ***

کي ڪيس ۾ ڊر بنجڻ جو حڪم ڏيڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي. فواد چوڌري درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو تہ شهباز شريف نوازشريف جي طبيعت خراب هجڻ سبب پرڏيهہ وڃڻ جو ضامن هو هن کي بطور ضامن نوازشريف کي ملڪ واپس آڻڻو هو پر ان کي ابتڙ نوازشريف کي سفارتي پاسپورٽ جاري ڪيو ويو. نوازشريف هن وقت مفرور ڏوهاري آهي. فواد چوڌري درخواست ۾ چيو تہ لاهور هاءِ ڪورٽ ڪيس ۾ تہ ڊر بنجڻ واري منهنجي درخواست رد ڪري ڇڏي. لاهور هاءِ ڪورٽ جي حڪم ڏنو وڃي تہ نوازشريف کي پرڏيهہ وڃڻ جي اجازت نامي ڪيس ۾ مون کي ڊر بڻايو وڃي.

بقايا 07 ***

اسيمبلي جي عملي ۽ ميمبرن جي موجودگي ۾ اهي صحيحون ٿيون. صحيحن جي جعلي هجڻ جو سوال پڻ پيدا نٿو ٿئي. اسپيڪر آفيس موجب فواد چوڌري 8 ميمبرن جي صحيحن جي جعلي هجڻ جو رڪارڊ ثابت ڪري. فواد چوڌري اسپيڪر ۽ قومي اسيمبلي جي سيڪريٽري خلاف ڪيس داخل ڪرائي. فواد چوڌري ثبوت ڏئي ٻئي صورت ۾ سندس خلاف قومي اسيمبلي ڪارروائي ڪندي.

بقايا 08 ***

پروفيسر اجمل جي وارثن سان تعزيت ڪئي وارثن آءِ جي سنڌ کي چيو تہ ڪيس ۾ نامزد جوابدارن خلاف اڃا ڪا بہ ڪارروائي نہ ٿي آهي پروفيسر اجمل ساوند جي وارثن آءِ جي سنڌ کي ٻڌايو تہ اسان جو قبيلائي تڪرار سان ڪو بہ تعلق نہ آهي. آءِ جي سنڌ چيو تہ جوابدارن جا نڪتا تباهہ ڪيا ويا آهن. جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. ڪين جلد گرفتار ڪيو ويندو

بقايا 09 ***

جي حوالي سان قديمي شاهہ جي اوطاق کان سيد پير سوڌل علي شاهہ هاشمي ۽ سيد پير فضل علي شاهہ هاشمي پاران ماتمي جلوس برآمد ڪيو ويو. ماتمي جلوس ۾ تابوت مولا شير خدا علي عليہ السلام برآمد ڪري وڏي تعداد ۾ ذوالجناح پڻ برآمد ڪيا ويا. ماتمي جلوس ۾ متياري جي مشهور نوحہ خوان، انجمن، انجمن غر دستار حسين ع، انجمن دعا سيده، عاشق حسين مولائي ۽ ٻين نوحہ خواني ڪري حضرت علي عليہ السلام کي پرسا پيش ڪئي. ڪراچي ۾ يوم علي جو مرڪزي جلوس نشتر پارڪ کان اڄ پنهنجي برآمد ٿيو. جلوس جي گذر گاهہ طرف ايندڙ رستن تي ڪنٽينر رکي بند ڪيو ويو جڏهن تہ جلوس جي گذرگاهن وٽ موبائل فون سروس بہ معطل رهندي. يوم علي جي موقعي تي سڄي سنڌ جا تعليمي ادارا بند رهيا . لاهور کان مرڪزي جلوس حويلي مبارڪ حويلي اڪبر منڊي کان برآمد ٿيندو جڏهن تہ پشاور ۾ يوم علي جو جلوس ڪراچي بازار مان برآمد ٿي سحري جي وقت ختم ٿيو. اسلام آباد جو مرڪزي جلوس امام بارگاهہ زينبيہ مان برآمد ٿي امام بارگاهہ سيڪٽر جي 6 ۾ ختم ٿيو ڪوئٽہ جي هزاره ٽائون مان بہ جلوس ڪڍيو ويو جڏهن تہ راولپنڊي ۾ يوم علي جو مرڪزي جلوس امام بارگاهہ ڪرنل مقبول پهچي ختم ٿيو.

بقايا 10 ***

. رمضان المبارڪ ۾ خاص طور تي سحري ۽ افطاري جي تيارين دوران گئس نہ هجڻ ۽ گهٽ پريشر سبب عورتن کي وڏين پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. جڏهن تہ گئس جا وڏا بلز معمول موجب اچي رهيا آهن. شهرين جو چوڻ آهي تہ سنڌ حڪومت وفاق سان رابطو ڪري گئس جي فراهمي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري.

بقايا 11 ***

تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي. سنڌ رينجرز جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب ڊي جي رينجرز سنڌ ميجر جنرل اظهر وقاص 21 رمضان المبارڪ جي موقعي تي امام بارگاهن جي سيڪيورٽي جي رستن جو دورو ڪيو ۽ رينجرز حڪم ڏنو تہ ضابطا اخلاق تي عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ڪنهن بہ قسم جي شرارت پکيڙيندڙ عنصرن تي ڪڙي نظر رکي وڃي. سنڌ رينجرز پاران

ڏوهارين جي گرفتاري لاءِ مختلف علائقن ۾ سرچ آپريشن ڪيو پيو وڃي. شهر ۾ داخل ٿيڻ ۽ نڪرڻ وارن رستن تي سخت نگراني ۽ شڪي ماڻهن جي بائيو ميٽرڪ تصديق ڪانپوءِ هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ان کان علاوه شهر جي اهم شاهراهن تي گشت ۽ اسنيپ چيڪنگ جو عمل بہ تيز ڪيو ويو آهي.

بقايا 12 ***

جي وڏي وزير پرويز الاهي، سندس پٽ مونس الاهي ۽ ٻين خلاف جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. نيب طرفان سيڪريٽري سي اينڊ ڊبليو کي لکيل خط ۾ گجرات ۽ منڊي بهاءالدين جي مالي سال 2022_23 جي تعميراتي ٺيڪن، ترقياتي منصوبن جي ٽينڊرز، ادائيگين، پرفارمنس، گارنٽي ۽ ڪم جي معيار جا تفصيل 14 اپريل تائين طلب ڪيا ويا آهن خط ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي تہ نيب ٽينڊرز ۾ قانون جي ڀڃڪڙي، وقت کان اڳ ادائيگيون، ڪروڙين روپين جي ڪميشن سميت ٻين الزامن جي جاچ ڪري رهيو آهي، پرويز الاهي، مونس الاهي ۽ علي افضل ساهي تي قومي خزاني کي ڪروڙين روپين جو نقصان پهچائڻ جو الزام آهي. چيف انجنيئر نارٿ گجرات جي اسڪيمن ۽ مبينہ غير معيار چيڪ ڪرڻ لاءِ نيب طرفان ٽيمون جوڙيون ويون آهن جڏهن تہ نيب لاهور جا اهلڪار بہ سي اينڊ ڊبليو جي معائنہ ڪار ٽيمن ۾ شامل هوندا. نيب ذريعن موجب پرويز الاهي دور ۾ گجرات ۽ منڊي بهاءالدين ۾ 100 ارب کان وڌيڪ جون اسڪيمون رکيون ويون هيون جن ۾ وڏي پيماني تي ڪرپشن جو الزام آهي.

بقايا 13 ***

نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آزاد ڪشمير جي صدر بيرسٽر سلطان محمود وقتي وزيراعظم جي سمري جي صحيحون ڪري ڇڏيون. نئين وزيراعظم جي چونڊ تائين سينئر وزير خواجہ فاروق احمد وقتي وزيراعظم هوندو آئين موجب وڌ کان وڌ 14 ڏينهن ۾ وزيراعظم جي چونڊ لازمي آهي. ياد رهي تہ گذريل ڏينهن آزاد ڪشمير هاءِ ڪورٽ وزيراعظم آزاد ڪشمير سردار تنوير الياس کي ڪنهن بہ عوامي عهدي جي لاءِ نااهل قرار ڏنو هو. آزاد ڪشمير جي هاءِ ڪورٽ سردار تنوير الياس کي توهين عدالت ڪيس ۾ سزا ٻڌائي. وزيراعظم آزاد ڪشمير کي ٻڌائي ختم ٿيڻ تائين علامتي سزا بہ ٻڌائي وئي. عدالت نئين آزاد ڪشمير جي وزيراعظم جي چونڊ لاءِ چيف اليڪشن ڪمشنر کي خط لکي ڇڏيو آزاد ڪشمير جي تاريخ ۾ پهرين ڀيرو ڪنهن وزيراعظم کي توهين عدالت تي نااهل قرار ڏنو ويو آهي.

بقايا 14 ***

جا امڪان وڌي ويا آهن. اهڙي طرح عمران خان کان بہ ٻي حڪومت بہ ڪسجي ويندي. ناميارو صحافي امداد سومرو موجب آزاد ڪشمير ۾ حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ اڳتي پ پ سرگرم هئي ۽ هاڻي انهن سرگرمين ۾ وڌيڪ تيزي اچي وئي آهي. وزيراعظم لاءِ ياسين آزاد جو نالو ورتو پيو وڃي جڏهن تہ وزيراعظم لاءِ ٻيا اميدوار بہ سرگرم آهن. چاڪاڻ تہ سردار تنوير الياس پنهنجو عهدو بچائڻ لاءِ سپريم ڪورٽ پهچي ويو آهي. پر ٻہ ذريعن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن سردار تنوير الياس کي سپريم ڪورٽ بحال بہ ڪري ڇڏيو تہ ان خلاف بي اعتمادي رٽ آئي ڪيس هٿايو ويندو مطلب تہ تبديلي اٽل نظر اچي وئي آهي.

بقايا 15 ***

۽ ذريعن جو چوڻ آهي تہ سعودي شهزادي محمد بن سلمان جو خاص جهاز پروگرام موجب نواز شريف کي سعودي عرب کڻي اچڻ لاءِ هيٿرو هوائي اڏي تي پهتو پر نواز شريف ان کي روڪي ڇڏيو چيو ويو تہ نواز شريف جي روانگي کان ٿورو اڳ قطر جو شهزادو لندن پهچي ويو ۽ نواز شريف سان اهم ملاقات ڪئي هن نواز شريف کي جنهن کري نواز شريف سعودي عرب روانگي ملتوي ڪري ڇڏي. ذريعن جو چوڻ آهي تہ اها ملاقات ان ڪري اهم آهي چو تہ خطي ۾ روس، چين، سعودي عرب، ايران، ترڪي ۽ قطر هڪ نئون بلاڪ جوڙڻ لاءِ سرگرم آهن ٿي سگهي ٿو تہ قطر جو شهزادو ان حوالي سان سعودي عرب لاءِ ڪو اهم پيغام ڏيڻ لاءِ يا ٻهتو هجي. نواز شريف جو فوري مقاد اهو آهي تہ انهن ملڪن کان مالي مدد ملڻ جو امڪان آهي چو تہ هينئر تائين آءِ ايم ايف ڪا ڪاري موٽ نہ ڏني رهيو آهي. ان ڪري نواز شريف ان نئين بلاڪ ۾ وڃڻ لاءِ غور ڪري رهيو آهي. جيئن تہ آءِ ايم ايف کان مستقبل ۾ هميشہ لاءِ نجات ملي سگهي.

بقايا 16 ***

تہ ڌاڙيلن جون پناهہ گاهون بہ راڪيٽ لانچرز سان تباهہ ڪيون ويون آهن جڏهن تہ ڌاڙيلن جي گهرن کي پڻ باهيون ڏنيون ويون آهن. هن چيو تہ ڌاڙيل ڪچي جي ٻيلن طرف نڪري ويا آهن جن جو

پيچو ڪيو پيو وڃي. رحيم يارخان پوليس موجب ڌاڙيلن جي مڪمل خاتمي تائين آپريشن جاري رهندو. رحيم يارن خان ضلعي جي ڪچي ۾ آءِ جي پنجاب عثمان انور جي قيادت هيٺ آپريشن ٿي رهيو آهي.

بقايا 17 ***

۾ ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ 27 سالا نوجوان تاري شهناز ورڙ ۽ 4 مهينن جي معصوم حوا موقع تي ئي فوت ٿي ويا حادثي دوران شهناز ورڙ جو مڙس منظار زخمي ٿي پيو لاش ۽ زخمين کي بي ايم سي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمين جو علاج هلندڙ آهي. ان حوالي سان پوليس جو چوڻ آهي تہ ڊمپر ڊرائيور حادثي وارو هنڌان فرار ٿي ويو آهي جنهن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن

بقايا 18 ***

وجود ختم ٿي ويندو لاهور ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي فواد چوڌري چيو تہ زمان پارڪ آپريشن کي قانوني رخ سان چيڪ ڪرڻ جي ضرورت آهي. ٻي ٽي آءِ کان ڪارڪنن خلاف دهشتگردي جا ڦلر لڳايا ويا. ڪارڪنن تي اي ٽي سي جا ڦلر سپريم ڪورٽ جي 7 رڪني بينچ جي فيصلي جي ابتڙ آهن اڄ لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ اسان ڪيس جي رٽ جي بدٽي لاءِ منظور ڪيو ويو آهي. جي آءِ ٽي کي غير آئيني طريقي سان هٿايو ويو سومر کان اسان جي درخواست تي روزاني جي بنياد تي ٻڌڻي ٿيندي. هن چيو تہ (ن) ليگ ۽ پيپلز پارٽي جي فنڊنگ جا معاملا کئي آهن، مسلم ليگ (ن) هڪ ارب روپين جي لڳ ڀڳ ميڊيا مهم تي خرچ ڪيا. اها فنڊنگ ڪٿان کان آئي. بينظير ڀٽو الزام هنيو هو تہ اها فنڊنگ اسامہ بن لادن کان آئي هئي. (ن) ليگ کي انٽرنيشنل ٽيررازم آرگنائيزيشن کان فنڊنگ ملندي هئي. (ن) ليگ ۽ پيپلز پارٽي جي فنڊ وارن معاملن کي لڪائڻ چاهي ٿو اليڪشن ڪميشن کي (ن) ليگ، پيپلز پارٽي جي فنڊنگ جا معاملا سامهون رکڻ گهرجن فواد چوڌري چيو تہ اير ڪيو اير پيپلز پارٽي جي اڳيان ڪراچي جي عوام کي وڪرو ڪيو نئين آدمشماري اير ڪيو اير جي مطالبي تي ٿي رهي آهي. ان تي 45 ارب روپيہ خرچ ٿيا. حيدرآباد ۽ ڪراچي جي آدمشماري ۾ 29 لک جو فرق رهيو آهي. نئين آدمشماري جي تہ ڪراچي جون 2 سيٽون گهٽ ٿي وينديون. 5 کان 6 وزيرن پاڻ کي پيپلز پارٽي جي آڏو وڪرو ڪيو آهي. ايم ڪيو ايم جا چار کان پنج وزير وڪرو ٿي ويا تہ ان سان فرق نہ پوندو. اسان ڪراچي جي عوام کي يقين ڏياريون ٿا تہ ڪين انصاف ڏياريندا سين. پنجاب ۾ چونڊن بابت سوال تي فواد چوڌري چيو تہ سپريم ڪورٽ جي حڪم کان پوءِ پيچڪڙي تي وزيراعظم ۽ وفاقي ڪابينہ نااهل ٿيندي. سيڪيورٽي پلان نہ ڏنو ويو تہ آءِ جي خلاف ڪارروائي ٿيندي. دفاع واري سيڪريٽري سيڪيورٽي پلان نہ ڏنو تہ ان جي خلاف بہ ڪارروائي ٿيندي. 2 صورتون آهن يا چونڊون ٿينديون يا وزيراعظم ۽ ڪابينہ گهر روانا ٿيندا بي ٽي آءِ اڳواڻ چيو تہ قاسم سوري جي رولنگ کي عدالت غيرقانوني قرار ڏنو اسان فيصلي کي مڃيو اسان پيپلز پارٽي يا (ن) ليگ تہ آهيون جو عدالتي فيصلي کي نہ مڃيون، سپريم ڪورٽ جي فيصلي تحت چونڊن جي لاءِ وفاقي حڪومت کي فنڊز جاري ڪرڻا پوندا. فنڊز جاري نہ ڪرڻ جي صورت ۾ وزيراعظم ۽ ڪابينہ نااهل ٿيندا. سپريم ڪورٽ فيصلي تي عمل نہ ڪرائي سگهي تہ بطور هڪ اداري تحت ان جو وجود ختم ٿي ويندو جيڪڏهن عدالتي فيصلن تي عمل نہ ٿيو تہ عوام روڊن تي هوندي ۽ پنهنجا حق گهرندي.

بقايا 19 ***

موجب قرار ڏئي ڇڏيو چيف جسٽس عامر فاروق اسپيشل پراسيڪيوٽر جي مقرري خلاف دليل مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ فيصلو محفوظ ڪيو هو بي ٽي آءِ اڳواڻ شهباز گل ٽرائل لاءِ اسپيشل پراسيڪيوٽر جي مقرري کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو هو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ لکت واري حڪم ۾ چيو آهي تہ چيف ڪمشنر جي درخواست تي گهرو وزارت راجا رضوان عباسي کي اسپيشل پراسيڪيوٽر مقرر ڪيو فوجداري ضابطہ جي سيڪشن 492 تحت اسپيشل پراسيڪيوٽر مقرر ڪري سگهجي ٿو اسپيشل پراسيڪيوٽر جي وڪيل چيو تہ جوابدار کي پنهنجي پسند جو وڪيل چونڊڻ جو حق آهي، پراسيڪيوٽر جي چونڊ ڪرڻ جو حق ناهي.

بقايا 20 ***

ڪورٽ جي حڪمن جي ابتڙ غيرقانوني جرڳو ڪيو ويو جنهن سبب ضمانت نہ ٿا ڏئي سگهون عدالت جوابدارن جي ضمانت رد ڪئي عدالت پاران جرڳي جي سرپنچ سميت 7 جوابدارن جي ضمانت واري درخواست رد ٿيڻ ڪانپوءِ جوابدار

قرار ٿي ويا ياد رهي تہ 10 ڏينهن اڳ صوبائي صلاحڪار اعجاز حسين جکراڻي جي سوٽ صابر جکراڻي ۽ منظور ٻنهور جي پٽ چنگيز ٻنهور جي سرپنچي هيٺ جرڳو ٿيو هو جرڳي جي سرپنچ پاران 2 سال اڳ پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل محمد شير جکراڻي ۽ بختيار جکراڻي جي خون جو جرڳو ڪري پوليس اهلڪارن محمد علي بروهي ۽ دلاور سپايو تي 50 لک ڏنڊ مڙهيو هو

بقايا 21 ***

تہ حيدرآباد جي نجي اسپتال ۾ ڊاڪٽر پاران غلط آپريشن ڪرڻ سبب ديدار ميمڻ فوت ٿيو هو 8 ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس ڊاڪٽر خلاف ڪا بہ ڪارروائي ناهي ڪئي، معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي. ڊاڪٽر کي گرفتار ڪيو وڃي

بقايا 22 ***

ويو. عدالت 10_10 هزار روپين جي ضمانت عيوض آزاد ڪري ڇڏيو مظاهرين جي آزاديءَ بعد اسلام ڪوٽ ۾ لڳل ڌرڻو ختم ڪيو ويو. مظاهرين جو چوڻ آهي تہ ٿر ڪول انتظاميا مقامي ماڻهن کي نوڪرين مان برطرف ڪري ڌارين کي ڀرتي ڪري رهي آهي. علائقي ۾ ڪو بہ ترقياتي ڪم نہ پيو ٿئي گذريل ڏينهن ڌرڻو هلندڙ مظاهرين کي پوليس انتظاميا خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو ڏنو ڏنو ٿاڻي تي گهرايو هو. ٿاڻي تي پهچڻ بعد 39 مظاهرين کي گرفتار ڪري سندن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو هو

بقايا 23 ***

۾ ان حوالي سان مشاورت ڪئي وئي. جنهن ڪانپوءِ سرڪاري ملازمن کي هن مهيني جي پگهار عيدالفطر کان اڳ ادا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو اعلان موجب عيدالفطر کان اڳ ماهوار پينشن ادا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ۽ ان حوالي سان ناڻي واري وزير ناڻي واري سيڪريٽري کي فوري انتظام ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.

بقايا 24 ***

جي شرح 1.03 سيڪڙو رڪارڊ ٿي. گذريل 24 ڪلاڪن دوران سڄي ملڪ ۾ ڪورونا جا 3 هزار 881 ٽيسٽ ڪيا ويا. جن مان 40 جڻن جا نتيجا مثبت رڪارڊ ٿيا جڏهن تہ سڄي ملڪ ۾ ڪورونا وائرس سبب متاثر 18 مريضن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي اين آءِ ايچ موجب گذريل 24 ڪلاڪن دوران لاهور ۾ ڪورونا جا 376 ٽيسٽ ڪيا ويا جن مان 14 مريضن جا نتيجا مثبت آيا ۽ شرح 3.72 سيڪڙو رهي، وفاقي گادي واري شهر اسلام آباد ۾ 24 ڪلاڪن دوران ڪورونا جا 269 ٽيسٽ ڪيا ويا جن مان صرف 2 جڻن جا نتيجا مثبت رڪارڊ ٿيا ۽ شرح 0.74 سيڪڙو رهي. هوڏانهن گلگت ۾ 24 ڪلاڪن دوران 129 ماڻهن جا ڪورونا ٽيسٽ ڪيا ويا جن مان 1 جو نتيجو مثبت آيو ۽ شرح 0.78 سيڪڙو رڪارڊ ٿي. گوجرانوالا ۾ 354 ماڻهن جا ٽيسٽ ڪيا ويا اتي بہ هڪ شخص ۾ ڪورونا مثبت آيو ۽ شرح 0.28 سيڪڙو رڪارڊ ٿي. صحت واري قومي اداري موجب گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڪورونا وائرس سبب متاثر 2 مريض فوت ٿي ويا. ٻنهي مريضن جو تعلق ڪراچي سان هو.

بقايا 25 ***

مان گذري رهيو آهي. گئس بند ٿيڻ سبب ڪراچي کان ڪشمور تائين خاص ڪري گهريلو صارفين سخت پريشاني جو شڪار آهن. پنهنجي بيان ۾ سينيٽر وقار مهدي چيو تہ پيٽروليم ۽ قدرتي وسيلن واري مملڪتي وزير ۽ ايم ڊي سوئي سدرن گئس پنهنجي واعدن ۽ اعلانيل قدمن تي عمل نہ ڪيو آهي. هن چيو تہ عوام رمضان المبارڪ ۾ بہ ڏهاڪا سخت عذاب ۾ گذاريا آهن ملڪ کي 70 سيڪڙو گئس فراهم ڪرڻ وارو صوبو سنڌ پنهنجي ئي قدرتي وسيلن کان محروم ڪيو ويو آهي. هن وزيراعظم شهباز شريف کي گذارش ڪئي ۽ پيٽروليم ۽ قدرتي وسيلن واري مملڪتي وزير کان جاچ ڪئي وڃي تہ هن ميڊيا ۽ پارليامينٽ ذريعي عوام کي ڪوڙيون تسليون ڇو ڏنيون. جو حڪومت پاران سنڌ جي عوام سان ڪوڙا واعدا ۽ يقين ڏياريو ويو؟ سينيٽر وقار مهدي چيو تہ عمران خان جي دور جي ايم ڊي سوئي سدرن گئس کي مملڪتي وزير اڪين جو تارو بڻائي ڇڏيو آهي. عوام جي مشڪلين تي مملڪتي وزير ايم ڊي سوئي سدرن گئس تي بہ قدم کڻڻ لاءِ تيار ناهي. سينيٽر وقار مهدي وزيراعظم کان مطالبو ڪيو تہ سنڌ ۾ گيس بحران جي معاملي تي فوري طور تي اجلاس گهرايو وڃي ۽ مملڪتي وزير کان سندس حڪمن تي وضاحت طلب ڪئي وڃي. جيڪڏهن مملڪتي وزير کي عوام جي بنيادي مسئلن سان ڪو بہ واسطو ناهي. تہ ان جي جاءِ تي ڪو قابل قومي اسيمبلي جو ميمبر وزير بڻايو وڃي. جڏهن تہ

موجوده ايم ڊي سوئي سدرن گيس جي مقرري جو بہ فوري طور تي جائزو ورتو وڃي ۽ اهڙو اعليٰ آفيسر مقرر ڪيو وڃي جنهن کي عوام جو درد هجي تہ جيئن سنڌ جو عوام گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي صوبي مان نڪرندڙ گئس سان ڪاڌو پچائي سگهي.

بقايا 26 ***

تنظيمن ۽ سول سوسائٽي پاران گهنٽاگهر چوڪ کان مختلف چوڪ چوراهن کان ريلي جي صورت ۾ ٿيندي ايس ايس پي آفيس تائين پهتي جتي ڌرڻو هنيو ويو اڳواڻن اجمل ساوند جي قاتلن جي گرفتاري نہ ٿيڻ. ڀوتارڪي سرداري نظام خلاف چٽي نعري بازي ڪئي وئي. ان موقعي تي اڳواڻن سنڌو نواز گهانگهرو، اڪرم ٻاجڪاڻي، ظريت بجاراڻي، شاهنواز مرهيٽو ڇوٽو جکراڻي ۽ ٻين جو چوڻ هو تہ اسان جو هي احتجاج سنڌ اندر سرداري ڀوتارڪي نظام خلاف آهي جن جي ڪري هونهار اجمل ساوند جهڙا ذهين ماڻهو قتل ٿي رهيا آهن. سنڌ اندر خاص ڪري ضلعي ڪشمور ڪنڌڪوٽ اندر بدبودار سرداري نظام جي خاتمي تائين احتجاج جاري رهندو. هوڏانهن سنڌ يونيورسٽي جامشورو ۾ ڊاڪٽر اجمل ساوند جي قتل خلاف استادن پاران احتجاجي ريلي ڪڍي سرداري نظام ۽ قبائلي جهيڙن خلاف نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي سنڌ يونيورسٽي جي سينٽرل لائبريري کان سنڌالاجي تائين ريلي ۾ موجود استادن ڊاڪٽر اسحاق سميجو، پروفيسر ڊاڪٽر محمد حسن اڳهير، پروفيسر اياز ڪيريو پروفيسر عرفان شيخ ۽ ٻين جو چوڻ هو تہ اجمل ساوند جو قتل سنڌ جي شعور جو قتل آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا. هنن چيو تہ سنڌ کي سرداري ۽ جاگيرداري نظام اڌوهي جيان کائي رهيو آهي. ڊاڪٽر اجمل ساوند پرڏيهہ ۾ رهي ڪري پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي زندگي تمام شاندار نموني سان گذاري ٿي سگهي پر هن پنهنجي وطن ۾ رهي تعليم ۽ شعور جي آبياري ڪري پئي چاهي جنهن کي سرداري نظام ۽ قبائلي جهيڙن چاڙهيو ويو.

بقايا 27 ***

ميڊيا سان ڳالهائيندي اعظم سواتي جو چوڻ آهي تہ شهزاد اڪبر ۽ خسرو بختيار اسان جي پيشاني تي بدنما داغ ۽ خراب نشان آهن هنن چيو تہ الله جي فضل سان اهي اسان کي ڇڏي ويا آهن. اهڙن ماڻهن کي نڪيتن نہ ڏينداسين، پي ٽي آءِ اڳواڻ اعظم سواتي جو بہ چوڻ آهي تہ هو اهڙن ماڻهن کي پنهنجي صفن ۾ شامل نہ ڪندا.

بقايا 28 ***

جنرل عامر رحمان عدالت کان مهلت طلب ڪندي چيو تہ اٽارني جنرل منصور عثمان اعوان تيار ٿي پاڻ پيش ٿيندو ايڊيشنل اٽارني جنرل عامر رحمان چيو تہ عدالت کي گذارش آهي تہ مناسب وقت ڏنو وڃي. درخواستگذار جي وڪيل مخدوم علي خان جو چوڻ هو تہ حڪومت چاهي ٿي تہ اپيل جو قانون آجي وڃي. حڪومت اها خواهش پوري ڪري. سپريم ڪورٽ ڪيس جي ٻڌڻي 3 مئي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 29 ***

تي شروع ٿيندو ڪل سج گرهڻ صبح 7:37 تي ٿيندو. ان جي چوٽي 9:17 تي ۽ 11 لڳي 59 منٽن تي ختم ٿيندي جزوي سج گرهڻ ڏکڻ ۽ اوڀر ايشيا ۾ نظر ايندو هڪ جزوي سج گرهڻ بہ آسٽريليا، پئسفڪ، هندي سمنڊ ۽ انٽارڪٽيڪا ۾ نظر ايندو

بقايا 30 ***

هلندڙ هفتي ئي ملڻ جو امڪان. آمريڪا جي دوري تي ويل ناڻي وارو سيڪريٽري حامد شيخ آءِ ايم ايف کي گڏجاڻي دوران آگاهہ ڪندو، ناڻي واري وزارت جو چوڻ آهي تہ يو اي اي سان فنانسنگ لاءِ ماسراطئي ٿي چڪا آهن. گارنٽي ملندي ئي آءِ ايم ايف کي لکت ۾ ضمانت ملي ويندي. ذريعن موجب وزيراعظم آفيس ۽ ناڻي واري وزير گارنٽي لاءِ دوست ملڪ کي درخواست ڪئي هئي.

بقايا 31 ***

موجب قرار ڏئي ڇڏيو چيف جسٽس عامر فاروق اسپيشل پراسيڪيوٽر جي مقرري خلاف دليل مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ فيصلو محفوظ ڪيو هو بي ٽي آءِ اڳواڻ شهباز گل ٽرائل لاءِ اسپيشل پراسيڪيوٽر جي مقرري کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو هو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ لکت واري حڪم ۾ چيو آهي تہ چيف ڪمشنر جي درخواست تي گهرو وزارت راجا رضوان عباسي کي اسپيشل پراسيڪيوٽر مقرر ڪيو فوجداري ضابطہ جي سيڪشن 492 تحت اسپيشل پراسيڪيوٽر مقرر ڪري سگهجي ٿو اسپيشل پراسيڪيوٽر جي وڪيل چيو تہ جوابدار کي پنهنجي پسند جو وڪيل چونڊڻ جو حق آهي، پراسيڪيوٽر جي چونڊ ڪرڻ جو حق ناهي.

بقايا سنڌيار 01

پوتارڪي نظام خلاف سخت تعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي پروفيسر ڊاڪٽر ذوالفقار علي جلباڻي، پروفيسر عبدالسميع پنهور، محمد نواز پٽي، ڪامريڊ ولايت نوناري، غلام اڪبر خواجه، گستا اڳواڻ استاد فدا حسين سولنگي، ڊاڪٽر حبيب الله گلال، عاجز امتياز نوح پوٽو، مجاهد علي سامٽيو، استاد شريف سومرو، استاد صفدر ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته شهيد اجمل ساوند جي خون سان انصاف ڪيو وڃي. قاتلن کي گرفتار ڪري قانوني ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي چند سردارن، پوتارن سنڌ کي يرغمال بڻائي ڇڏيو آهي اهڙي نظام خلاف مسلسل جدوجهد جي سخت ضرورت آهي. هنن وڌيڪ چيو ته ڊاڪٽر اجمل جو قتل سنڌ جي شعور جو قتل آهي.

بقايا سنڌيار 02

فراهمي بند هجڻ سبب شهري سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن. شهرين مطالبو ڪيو آهي ته سکر شهر ۾ گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ بند ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 03

ڏني وئي آهي جنهن ۾ ملير سميت ويسٽ ضلعو پڻ شامل آهي سفارشي ايڪسين اسڪولن جي ترقياتي ڪمن کي ڪرپشن جي ور چاڙهي ڇڏيو آهي سنڌس من پسند ٺيڪيدارن طرفان اسڪولن جي مرمت ٽوڙي ڀين ڪمن ۾ ناقص مٽيريل جو استعمال جاري آهي پروفيشنل ٺيڪيدارن کي ايڪسين سيلم شيخ ۽ ٽينڊر ڪلارڪ خالد نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي ان ڏس ۾ سياسي سماجي اڳواڻن ايس يو پي اڳواڻ منير مگسي، طالب گهلو اميرجان چانڊيو ۽ ٻين اسڪولن جي ڪمن ۾ ناقص مٽيريل جي استعمال تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي ورڪس اينڊ سروسز کاتي جي صوبائي وزير کان گهر ڪئي آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ايڪسين ايجوڪيشن ورڪس ملير سيلم الله شيخ ۽ ٽينڊر ڪلارڪ خالد خلاف ڪارروائي...

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر

پراونشل ڪوسٽل هاءِ وي ڊويزن حيدرآباد

Ph: 022-9201089 NO:TC/G-55/CHD/552 / HYDERABAD DATED: 11/04/2023

مهربند ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

1. دلچسپي رکندڙ شخصن/ڪانٽريڪٽرز/ڪمپنين/فرمز کان معياري واڪ دستاويز (SBDs) تي هيٺ ڄاڻايل ڪمن لاءِ SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) هيٺ ڊبل اي ڊي پي ڪمن لاءِ مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

سيريل نمبر	ڪم جو نالو	ڪليل لاڳت (Rs ملين ۾)	ڪانٽريڪٽرز ڪيٽگري	اسپيشلائيزڊ ڪوڊ	ٽينڊر في	05% بد سيڪيورٽي CDR صرف	تڪميل جو مدو
01	گهگهر ڦاٽڪ پاڪ لينڊ سيمينٽ فيڪٽري کان اليان اچر سالار ڳوٺ تائين روڊ جي ڪنسٽرڪشن/ري ڪنڊيشننگ (10.00 ڪلوميٽر)	206.808	C_3 ۽ مٿي	CE_01 & CE_10	3000	5%	24 مهينا
02	گهارو ڪيٽي بندر روڊ ايٽ 26.70 ڪلوميٽرز کان ڳوٺ جمن شاهه تائين لنڪ روڊ جي ري ڪنڊيشننگ (5.00 ڪلوميٽر)	70.017	C_4 ۽ مٿي	CE_01 & CE_10	3000	5%	24 مهينا
03	گهارو غلام الله روڊ کان خواجا ڪالوني لنڪ روڊ جي ري ڪنڊيشننگ (3.50 ڪلوميٽر)	49.960	C_5 ۽ مٿي	CE_01 & CE_10	3000	5%	24 مهينا
04	ٺٽو_جنگشاهي روڊ کان ڳوٺ صديق موندا سان چاهو واهه. يو سي گل موندا جي روڊ جي امپرومينٽ/ريهبليٽيشن (5.22 ڪلوميٽر)	75.155	C_4 ۽ مٿي	CE_01 & CE_10	3000	5%	24 مهينا
05	تعلقي ميرپورساڪرو جي مختلف روڊن جي امپرومينٽ/ڪنسٽرڪشن (12.50 ڪلوميٽر)	196.237	C_3 ۽ مٿي	CE_01 & CE_10	3000	5%	24 مهينا
06	يو سي جاڙدالي جي روڊ جي ريهبليٽيشن/ري ڪنسٽرڪشن (6.30 ڪلوميٽر)	99.469	C_4 ۽ مٿي	CE_01 & CE_10	3000	5%	24 مهينا
07	صدر پل کان ڏنڊاڙي روڊ جي امپرومينٽ/ڪنسٽرڪشن (13.50 ڪلوميٽر)	219.731	C_3 ۽ مٿي	CE_01 & CE_10	3000	5%	24 مهينا
08	ڳاڙهو گهوڙا باري روڊ 132 موري کان اداسي وايا ڏنڊاڙي روڊ جي ري ڪنڊيشننگ/ڪنسٽرڪشن (15.00 ڪلوميٽر)	230.485	C_3 ۽ مٿي	CE_01 & CE_10	3000	5%	24 مهينا
09	موجوده ڪي بي ڪينال روڊ کان ڳوٺ الله ڏنو خان سومرو روڊ. يو سي گل موندا روڊ جي ريهبليٽيشن/امپرومينٽ (4.00 ڪلوميٽر)	63.131	C_4 ۽ مٿي	CE_01 & CE_10	3000	5%	24 مهينا
10	يو سي غليل روڊ جي ڪنسٽرڪشن/ريهبليٽيشن (7.30 ڪلوميٽر)	11.268	C_4 ۽ مٿي	CE_01 & CE_10	3000	5%	24 مهينا
11	ٺٽو کان گهوڙا باري وايا پير پاتو روڊ جي وائڊننگ/ريڪنڊيشننگ (00.21=21.00_0.00 ڪلوميٽر)	696.140	C_2 ۽ مٿي	CE_01 & CE_10	3000	5%	24 مهينا

اجراءَ/وصولي ۽ ٽينڊرز کولڻ جو پروگرام

سيريل نمبر	تفصيل	پهرين ڪوشش	ٻين ڪوشش (ٽينڊر کي موٽ نه ملڻ جي صورت ۾)
1	درخواستن جي وصولي ۽ ٽينڊرز جي جاري ڪرڻ جي آخري تاريخ هن اين آءِ ٽي جي اخبارن ۾ ڇپجڻ کان صبح 10:00 وڳي تائين	20.03.2023	06.04.2023
2	ٽينڊرز صبح جو 10:30 وڳي وصول ۽ ساڳئي ڏينهن تي 11:30 وڳي صبح جو کوليا ويندا	20.03.2023	06.04.2023

2. اهليت/لازمي
(i) ڪارگر رجسٽريشن جون 2023ع ۽ ان کانپوءِ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان واسطيدار ڪئٽيگري ۽ اسپيشلائيزڊ ڪوڊ جيئن هر هڪ ڪم سامهون ذڪر ٿيل آهن.
(ii) تڪميل جي سرٽيفڪيٽ جي باقاعده تائيد سان گڏ گذريل ٽن سالن جي دوران مڪمل ڪيل مساوي يا وڌيڪ لاڳت جي ساڳي نوعيت جا گهٽ ۾ گهٽ 3 ڪم.
(iii) فرم سان گڏ ڪم ڪندڙ انجنيئرز ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جا ڪوائف
(iv) گذريل ٽن سالن ۾ درخواست ڏيندڙ ڪم جي ڪئٽيل لاڳت، ساليانو ٽرن اوور ساليانو گهٽ ۾ گهٽ ٻه پيرا وڌيڪ هجي.
(v) رجسٽرڊ آڊٽ فرم کان گذريل 3 سالن جي ساليانو آڊٽ رپورٽ.
(vi) مشينري ۽ موجوده ايڪيوپمينٽ جي لسٽ دستاويزي ثبوت ان جي مالڪي يا ڪرائي جا.
(vii) بينڪ اسٽيٽمينٽ سان گڏ درخواست ڏيندڙ ڪم جي ڪئٽيل لاڳت جي گهٽ ۾ گهٽ 15% جي ڪريڊٽ جي اهليت ظاهر ڪرڻ وارو بينڪ جو سرٽيفڪيٽ جنهن ۾ باقاعده طور تي هائوبيلينس ظاهر ٿيل هجي
(viii) انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ سان رجسٽريشن (NTN سرٽيفڪيٽ) سان فيڊرل بورڊ آف روينيو سان ايڪٽر اسٽيٽس.
(ix) گذريل ٽن سالن جا ساليانا ٽيڪس رٽرنز
(x) سنڌ روينيو بورڊ گورنمينٽ آف سنڌ (SRB) سان رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ
.03 پروڪيورمينٽ جو طريقڪار: (سنگل اسٽيج ٽو انويلپ)
.04 واڪ/ٽينڊر دستاويز

1. ٺيڪي جا دستاويز ٻيا شرط ۽ ضابطا ۽ ڪورا ٽينڊر SPPRA جي سرڪاري ويب سائيٽ http://ppms.pprasindh.gov.pk تان ڏسي، جاري يا ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. ٽينڊر ني واڪ سيڪيورٽي جيئن مذڪوره هر هڪ ڪم سامهون ذڪر ٿيل آهي. ڪال ڊپازٽ جي صورت ۾ صرف ڪنهن به شيڊيول بينڪ آف پاڪستان مان بحق ايگزيڪيوٽو انجنيئر، پراونشل هاءِ ويز ڊويزن ميرپورخاص جي کاتي ۾ (فرم جو نالو) ٽيڪنيڪل واڪ/ٽينڊر سان شامل هئڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ اهڙا ٽينڊر غور هيٺ نه ايندا.
2. واڪ سيڪيورٽي جو طريقو: CDR ڪانسواءِ قبول نه ڪيو ويندو.
3. چند چاڻ جو معيار، مڪمل ٽيڪنيڪل پروپوزلس جي چند چاڻ لاءِ چند چاڻ جو معيار، سڀ ڪرائيٽيريا جو بنياد ها/نه يا پاس/ناپاس تي ٻڌل آهي. جيڪڏهن هڪ واڪ ڏيندڙ ڪنهن به معيار يا سڀ ڪرائيٽيريا ۾ ها يا پاس حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ٿو ته پوءِ هي/اهو ڪواليفائي نه ڪندو.
4. پروڪيورمينٽ ڪميٽي ڪانٽريڪٽر/ڪانٽريڪٽر پاران شرڪت ڪندڙ/فرم يا ان جي مجاز نمائندن جي آڏو ٽينڊر کوليا ويندا جيڪي اُتي موجود رهڻ چاهين.
5. واڪ سنگل پيڪيج جنهن ۾ ٻه الڳ لفافا هوندا تي مشتمل هوندو. هر لفافي ۾ الڳ الڳ مالي تجويز ۽ ٽيڪنيڪل پروپوزل شامل آهن. مونجهاري کان بچڻ لاءِ لفافي تي ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل کي لکي ۽ واضح اکر ۾ نشان لڳايو وڃي.
6. ٽيڪنيڪل پروپوزل فرمن جي ٽيڪنيڪل چند ڪانپوءِ کوليا ويندا. فني طور تي ڪواليفائيڊ فرمن جا فنانشل واڪ/پروپوزل سيني ڪواليفائيڊ ٺيڪيدارن/فرمن کي اڳواٽ لکت ۾ اطلاع ڏيڻ واري تاريخ ۽ وقت تي کوليا ويندا. فني طور تي موٽ نه مليل فنانشل واڪن/پروپوزلس کي واسطيدار واڪ ڏيندڙن کي اڻ کليل موٽايا ويندا.
7. واڪ سنگل پيڪيج ٻن الڳ الڳ لفافن تي مشتمل هوندو. فنانشل پروپوزل ۽ ٽيڪنيڪل پروپوزل الڳ الڳ هر هڪ لفافي تي مشتمل هوندو.
7. ان ڏس ۾ حلفنامو ته سمورا دستاويز/تفصيل/مشينري جي معلومات صحيح ۽ درست آهن. بوگس/ٽيمپرڊ يا غلط معلومات/سرٽيفڪيٽ/ڪمپني/فرم پاران فراهم ڪرڻ جي صورت ۾ ڪنهن به مرحلي تي بليڪ لسٽ ڪيو ويندو.
8. پروڪيورمينٽ ڪميٽي جو ميمبر هيڊڪوارٽر کان ٻاهر هئڻ، گورنمينٽ پاران موڪل جي اعلان جي صورت ۾ واڪن جي کولڻ/جمع ڪرائڻ واري تاريخ جي صورت ۾ ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳي شيڊيول موجب کوليا ويندا.
8. مالڪ جي تفصيل سي اين آءِ سي سان گڏ جڊيشل اسٽامپ پيپر تي هڪ نمائندي کي مالڪ پاران شرڪت لاءِ اجازت هوندي.
9. جوائنٽ وينچر کي واڪ ۾ شرڪت جي اجازت نه هوندي.
10. تازو حلف نامو جنهن سان گڏ سڀ دستاويز / تفصيل / مشينري جي معلومات ڏني وڃي صحيح ۽ صحيح آهي. ڪمپني/فرم پاران مهيا ڪيل ڪوڙي/مصالحت يا غلط معلومات/سرٽيفڪيشن جي صورت ۾ ڪنهن به مرحلي تي بليڪ لسٽ ٿيڻ جا ذميوار هوندا.
11. عدالتي اسٽيمپ پيپر تي CNIC سان گڏ مالڪ جا تفصيل. نمائندي کي مالڪ کان عدالتي اسٽامپ پيپر تي اختيار حاصل ڪرڻ گهرجن.
12. فرم جي صورت ۾، ڊائريڪٽرن/ مالڪن جا مڪمل تفصيل ڏيو يا پاور آف اٽارني سان لاڳاپيل پيا. اڪيلي مالڪ هجڻ جي صورت ۾ اهڙي قسم جو حلف نامو پيش ڪيو وڃي.
13. اسٽيمپ پيپر تي ضابطو آڻڻ اها فرم ڪنهن به قسم جي مقدمي ۾ ملوث نه آهي. ڪنهن به ڊپارٽمينٽل تڪرار، ڪنهن ڪم جي مڪمل ٿيڻ ۾ ڇڏيل يا غير ضروري دير سان.
14. تازو حلف نامو انهي اثر لاءِ ته فرم / ٺيڪيدار کي اڳ ۾ ڪنهن ايگزيڪيوٽو ايجنسي طرفان بليڪ لسٽ نه ڪيو ويو آهي.
15. ٽينڊر مٿي ڏنل گهربل دستاويزن/معلومات سان گڏ پيش ڪيا وڃن. جيڪڏهن اهڙن گهربل دستاويزن/معلومات مان ڪنهن به قسم جي ڪوٽ آهي ته پوءِ ٽينڊر پروڪيورنگ ڪميٽي طرفان غور نه ڪيو ويندو ۽ ڪو به عذر قبول نه ڪيو ويندو.

جمع ڪرائڻ، معلومات ۽ کولڻ جو هنڌ هيٺين ريت هوندو:
ايڊريس: هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ايٽ شهباز بلڊنگ فرسٽ فلور آف چيف انجنيئر (هاءِ ويز)، حيدرآباد آفيس.
ٽيليفون نمبر: 022_9201089
اي ميل:

05 شرط ۽ ضابطا:
اي) هيٺ ڄاڻايل شرطن وارا واڪ رد ڪيا ويندا.
(i) شرطيه، اليڪٽرونڪ ۽ ٽيليگرافڪ واڪ/ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.
(ii) واڪ سيڪيورٽي جي گهربل رقم ۽ صورت ۾ شامل نه ٿيل واڪ
(iii) مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کانپوءِ وصول ٿيل واڪ
بي) واڪ جو ڪارگر مدو 90 ڏينهن.
سي) پروڪيورمينٽ اختياري کي يا سمورا/ٽينڊر SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل 20_2019) موجب منسوخ ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پراونشل ڪوسٽل هاءِ وي
ڊويزن حيدرآباد

پڙهندي سنڌ ته... وڌندي سنڌ

INF/KRY#1384/2023